## سورت الانبياءَ ـ مکي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

رکوع 1

**کافرن جا حضرت رسول کريم ﷺ جي باري ۾ غلط خيال. قرآن حضور ﷺ جن جو معجزو.**

اِقۡتَرَبَ لِلنَّاسِ حِسَابُهُمۡ وَهُمۡ فِىۡ غَفۡلَةٍ مُّعۡرِضُوۡنَ ۚ ①

(١) اهو وقت ويجهو اچي ويو آهي، جڏهن ماڻهن کان (سندن عملن جو) حساب ورتو ويندو. تنهن هوندي به سندن حال هي آهي جو منهن ڦيرائي غفلت ۾ غلطان ٿي (تباهيءَ ڏي) وڃي رهيا آهن.

مَا يَاۡتِيۡهِمۡ مِّنۡ ذِكۡرٍ مِّنۡ رَّبِّهِمۡ مُّحۡدَثٍ اِلَّا اسۡتَمَعُوۡهُ وَهُمۡ يَلۡعَبُوۡنَ ۙ ②

(٢) سندن پروردگار وٽان هنن لاءِ نصيحت جون ڳالهيون هڪٻئي پٺيان اچي رهيون آهن، پر ڪڏهن به ائين نه ٿيو آهي جو هنن دل لڳائي ٻڌيون هجن. هو ٻڌن به ٿا پر اهڙيءَ طرح جو چڻ ته راند (۽ کل مسخريءَ) ۾ مشغول آهن.

لَاهِيَةً قُلُوۡبُهُمۡ ؕ وَاَسَرُّوا النَّجۡوَى ۖ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا ۖ هَلۡ هٰذَاۤ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُكُمۡ ۚ اَفَتَاۡتُوۡنَ السِّحۡرَ وَاَنۡتُمۡ تُبۡصِرُوۡنَ ③

(٣) سندن دليون بلڪل غافل آهن، ۽ (ڏسو ته) ظلم ڪندڙ مخفي طرح ڪن سن ۾ هڪٻئي کي چئي رهيا آهن ته، هي ماڻهو (حضرت ﷺ) سواءِ هن جي ٻيو ڇاهي ته اسان جهڙو هڪڙو ماڻهو آهي. پوءِ ڇا توهان ڏسي وائسي اهڙي هنڌ ٿا وڃو جتي جادوءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪينهي.

قٰلَ رَبِّىۡ يَعۡلَمُ الۡقَوۡلَ فِى السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ وَهُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ④

(٤) (پيغمبر ﷺ) فرمايو ته، آسمان ۽ زمين ۾ جيڪا به ڳالهه چئي وڃي ٿي (لڪل توڙي ظاهر) سا سڀ منهنجي پروردگار کي معلوم آهي. هو (سڀ ڪجهه) ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

بَلۡ قَالُوۡۤا اَضۡغَاثُ اَحۡلَامٍۢ بَلِ افۡتَرٰٮهُ بَلۡ هُوَ شَاعِرٌ ۖ فَلۡيَاۡتِنَا بِاٰيَةٍ كَمَاۤ اُرۡسِلَ الۡاَوَّلُوۡنَ ⑤

(٥) (اهي قريش نه رڳو ائين ٿا چون پر) هيئن به ٿا چون ته اهي رڳو خواب ۽ خيال جون ڳالهيون آهن، بلڪ هٿرادو (پنهنجي دل مان) ٺاهه ٺاهيا اٿس. نه نه بلڪ هو شاعر آهي. جيڪڏهن ائين ناهي ته ڀلا (اسان تي بربادي اچڻ جي) ڪا نشاني ته آڻي ڏيکاري جهڙيءَ طرح اڳوڻن وقتن جي پيغمبرن ڏي موڪليون ويون هيون.

مَاۤ اٰمَنَتۡ قَبۡلَهُمۡ مِّنۡ قَرۡيَةٍ اَهۡلَكۡنٰهَا ۚ اَفَهُمۡ يُؤۡمِنُوۡنَ ⑥

(٦) پر (حقيقت هي آهي ته) انهن کان اڳي جن جن بستين کي اسان برباد ڪيو تن ۾ ته ڪنهن به (بربايءَ جي اچڻ جون نشانيون ڏسي) ايمان ڪونه آندو هو. پوءِ هي ماڻهو وري ايمان آڻيندا ڇا؟ (نه نه! سچائيءَ تي غور نه ڪرڻ وارن لاءِ هميشه اهو قانون رهيو آهي ۽ رهندو).

وَمَاۤ اَرۡسَلۡنَا قَبۡلَكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوۡحِىۡۤ اِلَيۡهِمۡ فَسۡـَٔلُوۡۤا اَهۡلَ الذِّكۡرِ اِنۡ كُنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ⑦

(٧) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکان اڳي ڪي پيغمبر نه موڪليا، پر اهڙيءَ طرح جو هو به (تو وانگر) ماڻهو هئا. انهن تي اسان جو وحي نازل ٿيندو

هو. پوءِ (اي منڪرؤ!) جيڪڏهن توهان کي اها ڳالهه ملوم ناهي ته انهن ماڻهن کان پڇي معلوم ڪيو جيڪي اهل ڪتاب آهن.

وَمَا جَعَلْنٰهُمْ جَسَدًا لَّا يَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَ مَا كَانُوْا خٰلِدِيْنَ ﴿٨﴾

(٨) ۽ اسان انهن پيغمبرن کي ڪڏهن به اهڙي جسم جو نه بنايو هو جو ماني نه کائيندا هجن، نڪي هو هميشه زنده رهڻ وارا هئا.

ثُمَّ صَدَقْنٰهُمُ الْوَعْدَ فَاَنْجَيْنٰهُمْ وَمَنْ نَّشَآءُ وَ اَهْلَكْنَا الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٩﴾

(٩) اسان انهن سان (پنهنجي) واعدي کي سچو ڪيو. پوءِ انهن (پيغمبرن) کي ۽ (انهن سان گڏ) جنهن کي به چاهيو نجات ڏني (يعني ظالمن کان بچايو) ۽ حد کان ٻاهر ويندڙ (منڪرن) کي تباهه ڪري ڇڏيو.

لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ كِتٰبًا فِيْهِ ذِكْرُكُمْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٠﴾ ع

(١٠) اسان توهان جي لاءِ هڪڙو ڪتاب نازل ڪيو آهي، ان ۾ توهان جي لاءِ نصيحت آهي (ان کان وڌيڪ توهان کي ٻيو ڇا گهرجي. ان کان وڌيڪ ڪا به ٻي نشاني ٿي سگهي ٿي ڇا؟) ڇا توهان سمجهه ئي نٿا هلايو (ڇو نٿا عقل کان ڪم وٺو.)

## رڪوع 2

### باطل جو نابود ٿيڻ ۽ حق جو غالب پوڻ، توحيد ۽ شرڪ

وَكَمْ قَصَمْنَا مِنْ قَرْيَةٍ كَانَتْ ظَالِمَةً وَّ اَنْشَاْنَا بَعْدَهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ﴿١١﴾

(١١) ۽ ڪيتريون ئي بستيون جيڪي ظلم ۽ شرارت ۾ غرق هيون اسان پائمال ڪري ڇڏيون، ۽ انهن کان پوءِ ٻين قومن کي اٿاري ڪڙو ڪيوسين.

فَلَمَّآ اَحَسُّوْا بَاْسَنَآ اِذَا هُمْ مِّنْهَا يَرْكُضُوْنَ ﴿١٢﴾ ؕ

(١٢) جڏهن اسان جو عذاب هنن محسوس ڪيو تڏهن ڏسو ته اوچتوئي اوچتو ڳوٺن مان ڀڄي رهيا آهن، (جيئن جنگ جي وقت فاتح لشڪر جي خوف کان ماڻهو ڀڄندا آهن ته متان ڦرين ۽ مارين).

لَا تَرْكُضُوْا وَارْجِعُوْٓا اِلٰى مَآ اُتْرِفْتُمْ فِيْهِ وَ مَسٰكِنِكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْئَلُوْنَ ﴿١٣﴾

(١٣) نه ڀڄو (هاڻي ڪاڏي ڀڄندؤ؟) پنهنجي انهيءَ ئي عيش عشرت ڏي موٽو (جنهن ۾ غرق ۽ غافل ٿي ويا هئو) ۽ انهن گهرن ڏي موٽو (جن جي مضبوطيءَ تي توهان کي غرور هو) شايد توهان کان ڪجهه پڇيو وڃي.

قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿١٤﴾

(١٤) هنن (بستين جي ماڻهن) دانهون ڪري چيو ته، افسوس آهي اسان جي حال تي! بيشڪ اسان ظالم هئاسين.

فَمَا زَالَتْ تِّلْكَ دَعْوٰىهُمْ حَتّٰى جَعَلْنٰهُمْ حَصِيْدًا خٰمِدِيْنَ ﴿١٥﴾

(١٥) (ڏسو) هو ائين ئي دانهون ڪندا رهيا، تان جو اسان هنن کي (برباد ڪري) لابارو ڪيل پوک وانگر ۽ وساٽيل اڳرن وانگر ڪري ڇڏيو.

وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ ﴿١٦﴾

(١٦) (ڏسو) اسان آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي به انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي ڪيل تماشي طور ڪونه بنايو آهي، (ڪنهن مصلحت ۽ مقصد لاءِ بنايو آهي.)

لَوْ اَرَدْنَآ اَنْ نَّتَّخِذَ لَهْوًا لَّاتَّخَذْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّآ ۖ اِنْ كُنَّا فٰعِلِيْنَ ﴿١٧﴾

(١٧) جيڪڏهن اسان کي کيل تماشو ڪرڻ جو ارادو هجي ها تہ (ڪير اسان کي روڪي سگهي ها؟) اسان پاڻ پنهنجي طرفان اهڙوئي (ڪيل تماشي وارو) ڪارخانو بنايون ها، پر اسان ائين ڪرڻ پسند نہ ڪيو.

بَلْ نَقْذِفُ بِالْحَقِّ عَلَى الْبَاطِلِ فَيَدْمَغُهٗ فَاِذَا هُوَ زَاهِقٌ ۭ وَلَكُمُ الْوَيْلُ مِمَّا تَصِفُوْنَ ﴿١٨﴾

(١٨) بلڪ (حقيقت هيءَ آهي تہ) اسان باطل تي حق جي ضرب (چوٽ) لڳايون ٿا تہ اهو حق باطل جو مغزئي ڀڃي ٿو ڇڏي، ۽ هڪدم ان کي فنا ڪري ٿو ڇڏي، افسوس آهي اوهان تي! توهان ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون بيان ٿا ڪيو!

وَلَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَمَنْ عِنْدَهٗ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَلَا يَسْتَحْسِرُوْنَ ﴿١٩﴾

(١٩) جيڪو بہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو بہ زمين تي آهي سڀ انهيءَ ئي (خدا) لاءِ آهن، ۽ جيڪي (فرشتا) سندس حضور ۾ آهن سي ڪڏهن بہ هٺ وڏائي ۾ پئجي سندس ٻانهپ کان منهن نٿا موڙين، نڪي (بندگي ڪرڻ ۾) ٿڪجي ٿا پون.

يُسَبِّحُوْنَ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ لَا يَفْتُرُوْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) هو رات ڏينهن سندس شان ۽ پاڪائي ڳائيندا رهن ٿا ۽ ڪڏهن بہ بس نٿا ڪن.

اَمِ اتَّخَذُوْٓا اٰلِهَةً مِّنَ الْاَرْضِ هُمْ يُنْشِرُوْنَ ﴿٢١﴾

(٢١) ڇا هنن ماڻهن زمين (جي مخلوقات) مان اهڙا معبود بنايا آهن، جيڪي مُردن کي زنده ڪري ٿا ڇڏين؟

لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا ۚ فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) جيڪڏهن آسمان ۽ زمين ۾ الله کان سواءِ ڪو ٻيو معبود هجي ها تہ (ممڪن ئي نہ هو تہ ان جو ڪارخانو نظام سان ۽ هڪ ڍنگ ۽ قانون سان هلي ها بلڪ) اهي (زمين ۽ آسمان) يقيناً بگڙجي برباد ٿي وڃن ها. پوءِ الله جي لاءِ جو (جهان جي) تخت جو مالڪ آهي شان ۽ پاڪائي هجي. انهن سيني ڳالهين کان پاڪ هجي جيڪي هي ماڻهو سندس متعلق بيان ڪن ٿا.

لَا يُسْـَٔلُ عَمَّا يَفْعَلُ وَهُمْ يُسْـَٔلُوْنَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) هو جيڪي بہ ڪري (وس وارو آهي، ڪنهن کي بہ مجال يا حق ناهي جو) هن کان پڇڻ وارو ڪير ناهي، پر ٻيا سڀ (هن جي اڳيان جوابده آهن) انهن کان باز پرست يعني پڇاڻو ٿيڻو آهي.

اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً ۭ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ ۚ هٰذَا ذِكْرُ مَنْ مَّعِيَ وَذِكْرُ مَنْ قَبْلِيْ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۙ الْحَقَّ فَهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) پوءِ ڇا هنن ماڻهن الله کان سواءِ ٻين کي معبود ڪري ورتو آهي؟ (اي پيغمبر!) تون ڪين چئي ڏي (تہ جيڪڏهن ائين آهي تہ) ٻڌايو، توهان جو دليل ڪهڙو آهي؟ هي آهي اهو ڪلام جو منهنجي ساٿين جي هٿ ۾ آهي (يعني قرآن) ۽ جو مون کان اڳين تي نازل ٿي چڪو آهي (يعني اڳوڻا خدائي ڪتاب. توهان انهن ۾ ڪابہ ڳالهہ منهنجي دعوت جي خلاف لهي نٿا سگهو.) ڳالهہ هيءَ آهي تہ هنن ماڻهن مان گهڻن کي حقيقت جي خبر ئي ڪانهي، پوءِ (اهوئي سبب آهي جو سچائيءَ کان) منهن ڦيرائي ڇڏيو اٿن.

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا نُوْحِيْٓ
اِلَيْهِ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدُوْنِ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکان اڳي ڪوبہ پيغمبر اهڙو ڪونہ موڪليو جنهن ڏي هن ڳالهہ جو وحي نہ موڪليوسين تہ ڪوبہ معبود ڪونهي سواءِ منهنجي. پوءِ اوهان کي گهرجي تہ فقط منهنجي ٻانهپ ڪريو.

وَقَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمٰنُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ؕ بَلْ
عِبَادٌ مُّكْرَمُوْنَ ﴿٢٦﴾

(٢٦) ۽ هو (ڀليل) چون ٿا تہ رحمان خدا پنهنجي لاءِ اولاد بنائي رکيو آهي. پاڪائي هجي هن لاءِ (اهي ماڻهو جن کي الله جو اولاد سمجهن ٿا سي تہ انهيءَ ڳالهہ جو وهم ۽ گمان بہ ڪونہ ٿا ڪن) بلڪ هو تہ الله جا معزز (عزت وارا) ٻانها آهن.

لَا يَسْبِقُوْنَهٗ بِالْقَوْلِ وَهُمْ بِاَمْرِهٖ يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) هو سندس اڳيان (سندس حڪم کان اڳي) ڳالهائي بہ نٿا سگهن. ۽ هو سندس حڪم جي تعميل ڪندا رهن ٿا.

يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا
يَشْفَعُوْنَ ۙ اِلَّا لِمَنِ ارْتَضٰى وَهُمْ مِّنْ
خَشْيَتِهٖ مُشْفِقُوْنَ ﴿٢٨﴾

(٢٨) جيڪي بہ هنن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي بہ پٺتي ڇڏي آيا آهن (يعني سندن ماضي توڙي مستقبل) سڀ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ۽ اهي سفارش فقط ان جي ٿا ڪن جنهن کي الله پسند ڪري ۽ اهي سندس خوف کان ڏڄندڙ آهن.

وَمَنْ يَّقُلْ مِنْهُمْ اِنِّيْٓ اِلٰهٌ مِّنْ دُوْنِهٖ
فَذٰلِكَ نَجْزِيْهِ جَهَنَّمَ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي
الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) ۽ انهن مان جيڪڏهن ڪوبہ (اهڙي جرئت ڪري وجهي جيڪو) چوي تہ الله کان سواءِ مان معبود آهيان تہ ان جي بدلي ۾ اسان ڪيس جهنم جي سزا ڏينداسين. اسان ظلم ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح ظلم جو بدلو ڏيندا آهيون.

## رڪوع 3

**هر انسان آخر موت جي ذائقو چکندو، هن دنيا ۾ عملن جي آزمائش آهي.**

اَوَلَمْ يَرَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضَ كَانَتَا رَتْقًا فَفَتَقْنٰهُمَا ؕ وَجَعَلْنَا
مِنَ الْمَآءِ كُلَّ شَيْءٍ حَيٍّ ؕ اَفَلَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٠﴾

(٣٠) جيڪي ماڻهو منڪر آهن تن هن ڳالهہ تي غور نہ ڪيو آهي ڇا؟ تہ آسمان ۽ زمين ٻئي (پهريائين) هڪٻئي سان مليل هئا، پوءِ اسان انهن کي جدا ڪري ڇڏيو، ۽ پاڻيءَ مان سڀ ساهہ واريون شيون پيدا ڪيون. پوءِ ڇا هي ماڻهو (ان ڳالهہ تي) ايمان نٿا آڻين؟

وَجَعَلْنَا فِي الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِهِمْ ۠ وَ
جَعَلْنَا فِيْهَا فِجَاجًا سُبُلًا لَّعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿٣١﴾

(٣١) ۽ اسان زمين ۾ مضبوط ڪتل جبل بنايا تہ انهن سان گڏ هڪ طرف جهڪي نہ پوي. ۽ اسان انهن (جبلن) ۾ اهڙا لڪ ڦاهيا جي رستن جو ڪم ٿا ڏين، انهيءَ لاءِ تہ ماڻهو پنهنجي منزل ڏانهن واٽ ڳولي لهن.

وَجَعَلْنَا السَّمَآءَ سَقْفًا مَّحْفُوْظًا ۚۖ وَّهُمْ عَنْ
اٰيٰتِهَا مُعْرِضُوْنَ ﴿٣٢﴾

(٣٢) ۽ اسان آسمان ڇت وانگر ڪري ڇڏيو ۽ (هر طرح جي عيب ۽ خرابيءَ کان) محفوظ ۽ سلامت رکيو. پر هنن ماڻهن سندس نشانين کان منهن ڦيرائي ڇڏيو آهي.

وَهُوَ الَّذِيْ خَلَقَ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ وَالشَّمْسَ وَ

(٣٣) ۽ اهوئي (الله) آهي، جنهن رات ۽ ڏينهن (جو فرق) پيدا ڪيو، ۽ سج

| | |
|---|---|
| الْقَمَرَ ؕ كُلٌّ فِیْ فَلَكٍ یَّسْبَحُوْنَ ۝۳۳ | ۽ چنډ بنايا. اهي سڀ (ستارا ۽ تارا) پنهنجي پنهنجي مدار (يعني گهيري) ۾ ترندا رهن ٿا. |
| وَمَا جَعَلْنَا لِبَشَرٍ مِّنْ قَبْلِكَ الْخُلْدَ ؕ اَفَا۟ئِنْ مِّتَّ فَهُمُ الْخٰلِدُوْنَ ۝۳۴ | (٣٤) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکان اڳي ڪنهن به ماڻهوءَ کي دائمي زندگي ڪانه ڏني، (نڪي تون ئي هميشه زنده رهندين) پوءِ جيڪڏهن توکي آخر هي جهان ڇڏڻو آهي ته هي ماڻهو وري هميشه زنده رهندا ڇا؟ |
| كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ؕ وَنَبْلُوْكُمْ بِالشَّرِّ وَالْخَیْرِ فِتْنَةً ؕ وَاِلَیْنَا تُرْجَعُوْنَ ۝۳۵ | (٣٥) هر جان کي موت جو مزو چکڻو آهي، ۽ اسان توهان کي (زندگيءَ جي) چڱين ۽ برين حالتن جي آزمائش ۾ وجهون ٿا ته توهان جي لاءِ (يعني اوهان جي ڪوشش ۽ طلب بابت) آزمائشون ٿين. ۽ پوءِ (آخر) توهان سڀني کي اسان ڏي موٽڻو آهي. |
| وَاِذَا رَاٰكَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْۤا اِنْ یَّتَّخِذُوْنَكَ اِلَّا هُزُوًا ؕ اَهٰذَا الَّذِیْ یَذْكُرُ اٰلِهَتَكُمْ ۚ وَهُمْ بِذِكْرِ الرَّحْمٰنِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ۝۳۶ | (٣٦) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن توکي اهي ماڻهو ڏسن ٿا تڏهن جن ڪفر جي راهه اختيار ڪئي آهي، تن کي ٻيو ته ڪجهه نٿو سجهي. تنهن ڪري توکي ڪل مسخريءَ جي ڳالهه ڪٺي ٿا بنائين. (۽ چون ٿا ته) ڇا هي اهو ماڻهو آهي جيڪو اسان جي معبودن جي ذڪر ڪندو آهي (يعني انهن متعلق چوندو آهي ته اهي ڪجهه به نه آهن) ۽ هنن جو حال هي آهي جو رحمان خدا جي ذڪر کان بلڪل منڪر آهن. |
| خُلِقَ الْاِنْسَانُ مِنْ عَجَلٍ ؕ سَاُورِیْكُمْ اٰیٰتِیْ فَلَا تَسْتَعْجِلُوْنِ ۝۳۷ | (٣٧) انسان جي فطرت ۾ ئي تڪڙ رکيل آهي، (هو نتيجن تي غور نٿا ڪن ۽ سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ نٿا ترسن) چڱو جلد ئي اوهان (ڪافرن) کي اسان پنهنجي (قدرت جون) نشانيون ڏيکاريندا سين، پوءِ ايتري تڪڙ نه ڪيو. |
| وَیَقُوْلُوْنَ مَتٰی هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ۝۳۸ | (٣٨) ۽ هو چون ٿا ته جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته ڀلا ٻڌايو ته اهو (عذاب جو) واعدو ڪڏهن ظهور ۾ ايندو؟ |
| لَوْ یَعْلَمُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا حِیْنَ لَا یَكُفُّوْنَ عَنْ وُّجُوْهِهِمُ النَّارَ وَلَا عَنْ ظُهُوْرِهِمْ وَلَا هُمْ یُنْصَرُوْنَ ۝۳۹ | (٣٩) جيڪڏهن هي منڪر انهيءَ گهڙي جو حال معلوم ڪري سگهن جڏهن (عذاب جي) باهه (ڀڙڪندي ۽ ان) جا شعلا نڪي پنهنجي اڳ کان هٽائي سگهندا، نڪي پنهنجي پٺيءَ کان ۽ نڪي وري ڪٿان مدد ملندين (ته جيڪر ڪڏهن به اهڙيءَ تڪڙ ۽ شرارت سان عذاب جي اچڻ جي گهر نه ڪن). |
| بَلْ تَاْتِیْهِمْ بَغْتَةً فَتَبْهَتُهُمْ فَلَا یَسْتَطِیْعُوْنَ رَدَّهَا وَلَا هُمْ یُنْظَرُوْنَ ۝۴۰ | (٤٠) بلڪ اها گهڙي انهن تي اوچتو اچي ڪڙڪندي ۽ هنن کي هراس ۾ حيران ڪري ڇڏيندي، پوءِ هو نڪي ان گهڙيءَ کي ٽاري سگهندا، نڪي کين ڪا مهلت ملندي. |
| وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِیْنَ سَخِرُوْا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ یَسْتَهْزِءُوْنَ ۝۴۱ ع | (٤١) ۽ (اي پيغمبر!) هيءَ حقيقت آهي ته توکان اڳي به پيغمبرن تي ڪل مسخري ڪئي ويندي هئي، پر ان جي نتيجو هي نڪتو جو جنهن ڳالهه تي هو ڪل مسخري ڪندا هئا (يعني عذاب جي اچڻ تي) اهوئي (عذاب) انهن تي ڇائنجي کين وڪوڙي ويو. |

## رکوع 4

**ڪافرن کي خبردار ڪرڻ. قيامت ڏينهن انصاف جي تارازي لڳائي ويندي.**

قُلْ مَنْ يَّكْلَؤُكُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ مِنَ الرَّحْمٰنِ ۭ بَلْ هُمْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهِمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) (اي پيغمبر!) انهن (مڪي جي ڪافرن) ڪان پڇ تہ ڏينهن جو وقت خواهہ رات جو وقت، ڪير آهي جو رحمان خدا ڪان اوهان جي نگهباني ڪري ٿو سگهي، (جيڪڏهن هو اوهان کي عذاب ڏيڻ چاهي)، پر (هنن ڪان پڇڻ مان ڇا ورندو) هنن تہ پنهنجي پروردگار جي يادگيريءَ ڪان منهن بلڪل ڦيرائي ڇڏيو آهي.

اَمْ لَهُمْ اٰلِهَةٌ تَمْنَعُهُمْ مِّنْ دُوْنِنَا ۭ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَ اَنْفُسِهِمْ وَلَا هُمْ مِّنَّا يُصْحَبُوْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) يا (وري هيئن آهي ڇا تہ) هنن جا ڪي معبود آهن جي ڪين اسان ڪان بچائي ٿا سگهن؟ (اهي بچائيندا ڪيئن؟ اهي پاڻ پنهنجي ئي مدد ڪري نٿا سگهن، نڪي اسان جي طرف ڪان ڪين حفاظت ملي سگهي ٿي.

بَلْ مَتَّعْنَا هٰٓؤُلَاۗءِ وَاٰبَاۗءَهُمْ حَتّٰى طَالَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ۭ اَفَلَا يَرَوْنَ اَنَّا نَاْتِي الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا ۭ اَفَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) ڳالهہ هيئن آهي تہ اسان هنن کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي (زندگيءَ جي فائدن سان) مالامال ڪيو تان جو (آسودگيءَ جي نشي ۾) هنن جون وڏيون وڏيون عمريون گذري ويون (۽ هاڻي هنن جي رڳ رڳ ۾ غفلت ڄمي ويئي آهي) پر اهي ماڻهو (هاڻي) ڏسن نٿا ڇا تہ اسان زمين کي چئني طرفن ڪان هنن لاءِ تنگ ڪندا ٿا اچون؟ پوءِ هو (هن مقابلي ۾) غالب پئجي رهيا آهن ڇا؟ (بلڪل نہ!)

قُلْ اِنَّمَآ اُنْذِرُكُمْ بِالْوَحْيِ ڮ وَلَا يَسْمَعُ الصُّمُّ الدُّعَاۗءَ اِذَا مَا يُنْذَرُوْنَ ﴿٤٥﴾

(٤٥) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، مان فقط الله جي وحي موجب اوهان کي خبردار ڪري رهيو آهان، ۽ (اي پيغمبر! ياد رک تہ) جيڪي ماڻهو ٻوڙا آهن تن کي ڪيترو بہ خبردار ڪيو وڃي تہ بہ هو ڪڏهن بہ ٻڌڻ وارا ناهن.

وَلَىِٕنْ مَّسَّتْهُمْ نَفْحَةٌ مِّنْ عَذَابِ رَبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) ۽ جيڪڏهن انهن تي تنهنجي پروردگار جي عذاب جو ذرڙو بہ پوي تہ (مغز مان واءُ نڪري وڃينَ) بي اختيار چئي ڏين تہ هاءِ افسوس! بيشڪ اسان ئي ظالم هئاسين.

وَنَضَعُ الْمَوَازِيْنَ الْقِسْطَ لِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ فَلَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـــًٔا ۭ وَاِنْ كَانَ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ اَتَيْنَا بِهَا ۭ وَكَفٰى بِنَا حٰسِبِيْنَ ﴿٤٧﴾

(٤٧) ۽ اسان قيامت جي ڏينهن انصاف جي تارازي ڪڙي ڪنداسين، پوءِ ڪنهن بہ نفس سان ذرو بہ بي انصافي نہ ٿيندي. جيڪڏهن سرنهہ جي داڻي جيترو بہ ڪنهن جو عمل هوندو تہ اسان اهو ذرو بہ وزن هيٺ آڻينداسين. جڏهن تہ اسان (پاڻ) حساب وٺندڙ آهيون، تڏهن ڇو نہ پورو پورو انصاف ٿيندو، پوءِ باقي ڇا رهيو؟ (يعني اسان جو حساب بلڪل ٺيڪ ٺيڪ هوندو).

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ الْفُرْقَانَ وَضِيَاۗءً وَّذِكْرًا لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ (ڏسو) هيءَ حقيقت آهي تہ، اسان موسيٰ ۽ هارون کي فرقان (يعني حق کي باطل ڪان جدا ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي قوت) ۽ (وحي جي) روشني ۽ متقي ماڻهن لاءِ نصيحت ڏني هئي.

الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ وَهُمْ مِّنَ السَّاعَةِ مُشْفِقُوْنَ ﴿٤٩﴾

(٤٩) انهن ماڻهن لاءِ جيڪي پنهنجي پروردگار کان ڪيس ڏسڻ کان سواءِ ئي ڊڄندا رهن ٿا ۽ اچڻ واري گهڙيءَ ڪي خيال ۾ آڻڻ تي ڏکي ٿا وڃن.

وَهٰذَا ذِكْرٌ مُّبٰرَكٌ اَنْزَلْنٰهُ ۭ اَفَاَنْتُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿٥٠﴾

(٥٠) ۽ هي (قرآن) به نصيحت آهي ۽ برڪت واري نصيحت آهي. اسان ئي ان کي نازل ڪيو آهي. پوءِ ڇا توهان کي ان کان انڪار آهي؟

رڪوع 5

**حضرت ابراهيم جو بتن کي ڀڃڻ ۽ اور جو شهر ڇڏي ڪنعان وڃڻ.**

وَلَقَدْ اٰتَيْنَآ اِبْرٰهِيْمَ رُشْدَهٗ مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا بِهٖ عٰلِمِيْنَ ﴿٥١﴾

(٥١) ۽ ان کان اڳي اسان ابراهيم کي سندس درجي مطابق سمجھ ۽ عقل عطا ڪيو هو، اسان کي سندس حالت جي پوري پوري خبر هئي.

اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ مَا هٰذِهِ التَّمَاثِيْلُ الَّتِيْٓ اَنْتُمْ لَهَا عٰكِفُوْنَ ﴿٥٢﴾

(٥٢) هيءَ حقيقت آهي ته هن پنهنجي پيءُ کي ۽ پنهنجي قوم جي ماڻهن کي چيو هو ته، هي ڪهڙا بت آهن جن جي پوڄا ۾ توهان ڄمي ويٺا آهيو؟

قَالُوْا وَجَدْنَآ اٰبَاۗءَنَا لَهَا عٰبِدِيْنَ ﴿٥٣﴾

(٥٣) هنن جواب ۾ چيو ته، اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي ڏٺو ته انهن جي پوڄا ڪندا رهيا (۽ ڪندا رهن ٿا).

قَالَ لَقَدْ كُنْتُمْ اَنْتُمْ وَاٰبَاۗؤُكُمْ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٥٤﴾

(٥٤) حضرت ابراهيم فرمايو ته، توهان پاڻ به ۽ توهان جا ابا ڏاڏا به چٽي چٽي گمراهيءَ ۾ پئجي ويا آهيو.

قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا بِالْحَقِّ اَمْ اَنْتَ مِنَ اللّٰعِبِيْنَ ﴿٥٥﴾

(٥٥) تنهن تي هنن چيو ته، ڇا تون سچ پچ (اهڙي ڳالهه) چئي رهيو آهين يا مسخري ڪري رهيو آهين؟

قَالَ بَلْ رَّبُّكُمْ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ الَّذِيْ فَطَرَهُنَّ ڮ وَاَنَا عَلٰي ذٰلِكُمْ مِّنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٥٦﴾

(٥٦) حضرت ابراهيم فرمايو ته، نه (مان مسخري ڪونه ٿو ڪيان، سچ ٿو چوان ته) آسمان ۽ زمين جو پروردگار جنهن انهن سڀني کي پيدا ڪيو سوئي اوهان جو پروردگار آهي. مان انهيءَ حقيقت متعلق اوهان جي اڳيان شاهد آهيان.

وَتَاللّٰهِ لَاَكِيْدَنَّ اَصْنَامَكُمْ بَعْدَ اَنْ تُوَلُّوْا مُدْبِرِيْنَ ﴿٥٧﴾

(٥٧) ۽ (حضرت ابراهيم وڌيڪ فرمايو ته) خدا جو قسم مان ضرور توهان جي بتن سان هڪڙي تجويز ڪندس، جڏهن توهان سڀئي پٺي ڏيئي هليا ويندؤ.

فَجَعَلَهُمْ جُذٰذًا اِلَّا كَبِيْرًا لَّهُمْ لَعَلَّهُمْ اِلَيْهِ يَرْجِعُوْنَ ﴿٥٨﴾

(٥٨) سو هن (ائين ئي ڪيو ۽) بتن کي ڀڃي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. فقط هڪڙي بت کي جو انهن ۾ سڀني کان وڏو سمجهيو ويندو هو، ڇڏي ڏنائين انهيءَ لاءِ ته شايد هو ماڻهو انهيءَ جي طرف رجوع ٿين (۽ ان کان پڇن ته، هنن بتن جو اهو حال ڪنهن ڪيو آهي؟)

قَالُوْا مَنْ فَعَلَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَآ اِنَّهٗ لَمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٩﴾

(٥٩) (جڏهن اهي ماڻهو مندر ڏي موٽي آيا، تڏهن ڀڳل بت ڏسي) چيائون ته، اسان جي خدائن سان هيءَ حرڪت ڪنهن ڪئي آهي؟ جنهن به ڪئي آهي سو ضرور وڏو ظالم آهي.

قَالُوْا سَمِعْنَا فَتًى يَّذْكُرُهُمْ يُقَالُ لَهٗٓ اِبْرٰهِيْمُ ؕ﴿۶۰﴾

(٦٠) ڪن ماڻهن چيو ته، اسان هڪ نوجوان کي هنن بتن جي باري ۾ ڪجھ چوندي ٻڌو هو، ڪيس ابراهيم پئي سڏيائون.

قَالُوْا فَاْتُوْا بِهٖ عَلٰٓى اَعْيُنِ النَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَشْهَدُوْنَ ﴿۶۱﴾

(٦١) (تنهن تي) ماڻهن چيو ته انهيءَ کي هتي سيني ماڻهن جي اکيان آڏو پيش ڪيو ته سڀ شاهد رهن.

قَالُوْٓا ءَاَنْتَ فَعَلْتَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَا يٰٓاِبْرٰهِيْمُ ؕ﴿۶۲﴾

(٦٢) (جڏهن حضرت ابراهيم کي وٺي آيا تڏهن) انهن ماڻهن ڪانئس پڇيو ته، اي ابراهيم اسان جي خدائن سان هيءَ حرڪت تو ڪئي آهي ڇا؟

قَالَ بَلْ فَعَلَهٗ ۖ كَبِيْرُهُمْ هٰذَا فَسْــَٔلُوْهُمْ اِنْ كَانُوْا يَنْطِقُوْنَ ﴿۶۳﴾

(٦٣) حضرت ابراهيم فرمايو ته، (هيئن ڪٿي سمجهو ته) هن بت اها حرڪت ڪئي آهي، جيڪو انهن ۾ سڀني کان وڏو آهي. جيڪڏهن بت ڳالهائي سگهندا آهن ته خود انهيءَ بت کان پڇا ڪريو.

فَرَجَعُوْٓا اِلٰٓى اَنْفُسِهِمْ فَقَالُوْٓا اِنَّكُمْ اَنْتُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۙ﴿۶۴﴾

(٦٤) پوءِ هو پاڻ ۾ هڪٻئي سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا. هنن چيو ته، هن ۾ ته شڪ ئي ڪونهي ته اسان ئي ظالم آهيون (۽ نڱيون ڪندا آهيون)

ثُمَّ نُكِسُوْا عَلٰى رُءُوْسِهِمْ ۚ لَقَدْ عَلِمْتَ مَا هٰٓؤُلَآءِ يَنْطِقُوْنَ ﴿۶۵﴾

(٦٥) پوءِ هنن جي حالت اها ٿي جو (شرم کان) سندن ڪنڌ جهڪي ويا. هنن (پوءِ حضرت ابراهيم کي آهستي) چيو ته، تو کي ته چڱيءَ طرح معلوم آهي ته هي بت ڳالهائي ڪونه ٿا سگهن، (سو وڏي بت کان ڪيئن پڇون؟)

قَالَ اَفَتَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكُمْ شَيْــًٔا وَّلَا يَضُرُّكُمْ ؕ﴿۶۶﴾

(٦٦) حضرت ابراهيم فرمايو ته، پوءِ توهان کي ڇا ٿي ويو آهي، جو الله کي ڇڏي اهڙين شين کي ٿا پوڄيو جي نڪي اوهان کي ڪنهن به طرح جو نفعو پهچائين نڪو نقصان!

اُفٍّ لَّكُمْ وَلِمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۷﴾

(٦٧) توهان جي حالت ڪهڙي نه اڻ وڻندڙ آهي ۽ انهن جي به جن کي توهان الله کان سواءِ پوڄيو ٿا، ڇا توهان عقل کان بلڪل ڪورا ٿي ويا آهيو؟

قَالُوْا حَرِّقُوْهُ وَانْصُرُوْٓا اٰلِهَتَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿۶۸﴾

(٦٨) هنن (پاڻ ۾) چيو ته، جيڪڏهن اسان ۾ ڪجھ به همت آهي ته اچو ته هن ماڻهوءَ کي باهه ۾ وجهي ساڙي ڇڏيون ۽ پنهنجي معبودن جو منهن مٿي ڪريون.

قُلْنَا يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّسَلٰمًا عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ ۙ﴿۶۹﴾

(٦٩) (پر) اسان جو حڪم ٿيو ته، اي باهه ٿڌي ٿي وڃ، ۽ ابراهيم جي لاءِ سلامتي!

وَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَخْسَرِيْنَ ۚ﴿۷۰﴾

(٧٠) ۽ (ڏسو) هنن چاهيو هو ته، ابراهيم سان هڪڙي ڪيڏ ڪيڏون، پر اسان ڪين ناڪامياب ۽ نامراد ڪري ڇڏيو.

وَنَجَّيْنٰهُ وَلُوْطًا اِلَى الْاَرْضِ الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿۷۱﴾

(٧١) اسان هن کي ۽ (سندس ڀائٽئي) لوط کي (دشمنن کان) بچائي هڪ اهڙي ملڪ ڏي موڪلي ڏنو، جنهن کي قومن جي لاءِ وڏي برڪت وارو ملڪ بنايو اٿئون (يعني ڪنعان ڏي موڪليوسون).

وَوَهَبْنَا لَهُ إِسْحَاقَ ۖ وَيَعْقُوبَ نَافِلَةً ۖ وَكُلًّا جَعَلْنَا صَالِحِينَ ﴿٧٢﴾

(٧٢) ۽ اسان هن کي اسحاق ۽ (هڪ پوٽو) يعقوب بہ عطا فرمايو، انهن سڀني کي اسان صالح (يعني نيڪ عملن وارو) ڪيو هو.

وَجَعَلْنَاهُمْ أَئِمَّةً يَهْدُونَ بِأَمْرِنَا وَأَوْحَيْنَا إِلَيْهِمْ فِعْلَ الْخَيْرَاتِ وَإِقَامَ الصَّلَاةِ وَإِيتَاءَ الزَّكَاةِ ۖ وَكَانُوا لَنَا عَابِدِينَ ﴿٧٣﴾

(٧٣) اسان انهن کي (ماڻهن جي) امامت (يعني ليڊري يا پيشوائي) ڏني هئي. اسان جي حڪم مطابق هو ماڻهن کي (حق جي) راهہ ڏيکاريندا هئا. اسان هنن کي وحي ڪيو هو تہ هر طرح جا نيڪيءَ جا ڪم ڪن، پڻ نماز قائم رکن ۽ زڪوات ادا ڪندا رهن. هو اسان جي ٻانهپ (۽ حڪمن جي تعميل) ۾ لڳا رهندا هئا.

وَلُوطًا آتَيْنَاهُ حُكْمًا وَعِلْمًا وَنَجَّيْنَاهُ مِنَ الْقَرْيَةِ الَّتِي كَانَتْ تَعْمَلُ الْخَبَائِثَ ۗ إِنَّهُمْ كَانُوا قَوْمَ سَوْءٍ فَاسِقِينَ ﴿٧٤﴾

(٧٤) ۽ (اهڙيءَ طرح) حضرت لوط کي بہ اسان (خدائي حڪمن پهچائڻ جو) عهدو ڏنو ۽ (نبوت جو) علم عطا فرمايو. اسان کيس انهيءَ ڳوٺ مان بچائي ڪڍيو جنهن جا ماڻهو تمام گندا ۽ غليظ ڪم ڪندا هئا، وڏا بد راهہ هئا، ۽ ليڪو لنگهي بيٺا هئا.

وَأَدْخَلْنَاهُ فِي رَحْمَتِنَا ۖ إِنَّهُ مِنَ الصَّالِحِينَ ﴿٧٥﴾

(٧٥) ۽ اسان هن کي (يعني حضرت لوط کي) پنهنجي رحمت جي پناهہ هيٺ آندو. بيشڪ هو صالح انسانن مان هڪ انسان هو.

رڪوع 6

**نبين سڳورن ۽ بيبي مريم جو بيان ۽ نبين جي تعليم جو نچوڙ.**

وَنُوحًا إِذْ نَادَىٰ مِنْ قَبْلُ فَاسْتَجَبْنَا لَهُ فَنَجَّيْنَاهُ وَأَهْلَهُ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيمِ ﴿٧٦﴾

(٧٦) ۽ (ساڳيءَ طرح) حضرت نوح جو معاملو بہ (ياد ڪيو) جو انهن (نبين) کان اڳ جو آهي. جڏهن هن (يعني حضرت نوح) اسان کي پڪاريو هو، تڏهن اسان سندس پڪار ٻڌي ۽ کيس ۽ سندس ماڻهن کي هڪ وڏي مصيبت کان ڇوٽڪارو ڏنو.

وَنَصَرْنَاهُ مِنَ الْقَوْمِ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا ۚ إِنَّهُمْ كَانُوا قَوْمَ سَوْءٍ فَأَغْرَقْنَاهُمْ أَجْمَعِينَ ﴿٧٧﴾

(٧٧) ۽ جن ماڻهن اسان جي نشانين کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو، تن جي مقابلي ۾ اسان سندس مدد ڪئي. اهي بلڪل بد راهہ ماڻهو هئا، تنهن ڪري اسان انهن سڀني کي ٻوڙي ڇڏيو.

وَدَاوُودَ وَسُلَيْمَانَ إِذْ يَحْكُمَانِ فِي الْحَرْثِ إِذْ نَفَشَتْ فِيهِ غَنَمُ الْقَوْمِ وَكُنَّا لِحُكْمِهِمْ شَاهِدِينَ ﴿٧٨﴾

(٧٨) ۽ دائود ۽ سليمان (جو معاملو بہ ياد ڪيو) جو هڪ (ملڪ جي) پوکن ۾ جن ۾ ماڻهن جون ٻڪريون پڪڙجي پيون هيون، حڪم هلائيندا (۽ فيصلا ڪندا) هئا ۽ اسان سندن حڪمراني ڏسندا هئاسين.

فَفَهَّمْنَاهَا سُلَيْمَانَ ۚ وَكُلًّا آتَيْنَا حُكْمًا وَعِلْمًا ۚ وَسَخَّرْنَا مَعَ دَاوُودَ الْجِبَالَ يُسَبِّحْنَ وَالطَّيْرَ ۚ وَكُنَّا فَاعِلِينَ ﴿٧٩﴾

(٧٩) پوءِ اسان سليمان کي ان ڳالهہ جي پوري پوري سمجهہ ڏئي ڇڏي، ۽ اسان حڪم ڏيڻ (۽ فيصلا ڪرڻ) جو عهدو ۽ (نبوت جو) علم انهن مان هرهڪ کي عطا فرمايو هو، ۽ پڻ اسان جبلن کي دائود جي لاءِ تابع ڪري ڇڏيو هو. اهي (جبل) الله جي پاڪائيءَ جا آواز بلندا ڪندا هئا. اهڙيءَ ئي طرح پکين کي بہ (سندس تابع ڪيو هو) ۽ اسان (ائين ئي) ڪرڻ وارا هئاسين.

وَعَلَّمْنٰهُ صَنْعَةَ لَبُوْسٍ لَّكُمْ لِتُحْصِنَكُمْ مِّنْۢ بَاْسِكُمْ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ شٰكِرُوْنَ ﴿۸۰﴾

(٨٠) ۽ اسان دائود كي اوهان جي لاءِ زره ٺاهڻ جو هنر سيكاريو، انهيءَ لاءِ ته اوهان كي هڪ ٻئي جي (تلوار جي) ڌڪ كان بچائي. پوءِ ڇا توهان (اسان جي نعمتن جا) شكرگذار آهيو؟

وَلِسُلَيْمٰنَ الرِّيْحَ عَاصِفَةً تَجْرِيْ بِاَمْرِهٖٓ اِلَى الْاَرْضِ الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ۭ وَكُنَّا بِكُلِّ شَيْءٍ عٰلِمِيْنَ ﴿۸۱﴾

(٨١) ۽ (ڏسو) اسان (سمنڊ جي) سخت هوائن كي به سليمان جي لاءِ اهڙو مسخر (تابع) كري ڇڏيو هو جو سندس حكم تي گهلنديون هيون ۽ انهيءَ زمين ڏي لڳنديون هيون، جنهن ۾ اسان وڏي بركت ركي آهي (يعني فسطين ۽ شام جو ملڪ جنهن ڏانهن ڳاڙهي سمنڊ ۽ يونچ سمنڊ مان پري پري كان جهاز ايندا ويندا هئا) ۽ اسان سڀ ڳالهيون ڄاڻندڙ آهيون.

وَمِنَ الشَّيٰطِيْنِ مَنْ يَّغُوْصُوْنَ لَهٗ وَيَعْمَلُوْنَ عَمَلًا دُوْنَ ذٰلِكَ ۚ وَكُنَّا لَهُمْ حٰفِظِيْنَ ﴿۸۲﴾

(٨٢) ۽ شيطانن مان اهڙا شيطان (به اسان كيس تابع كري ڏنا) جي هن لاءِ ٽٻيون هڻندا هئا (۽ سمنڊ مان سپون ۽ موتي كڍندا هئا) ۽ ان كان سواءِ ٻيا به طرحين طرحين كم كاريون كندا هئا ۽ اسان هنن كي پنهنجي حفاظت هيٺ ركيو هو.

وَاَيُّوْبَ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۸۳﴾

(٨٣) ۽ ايوب (جو معاملو به ياد كيو.) هن پنهنجي پروردگار كي پكاريو ته مان ڏكن ۽ مصيبتن ۾ پئجي ويو آهيان. اي منهنجا رب! تون ئي سڀني رحم كندڙن كان وڌيڪ رحم وارو آهي.

فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ فَكَشَفْنَا مَا بِهٖ مِنْ ضُرٍّ وَّاٰتَيْنٰهُ اَهْلَهٗ وَمِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَذِكْرٰى لِلْعٰبِدِيْنَ ﴿۸۴﴾

(٨٤) پوءِ اسان سندس پكار ٻڌي ۽ جن ڏكن ۾ پئجي ويو هو سي اسان لاهي ڇڏيس. اسان سندس گهر وري آباد كيو، ۽ ان سان گڏ اهڙائي (مٽ مائٽ) ٻيا به ڏنا (يعني ٻيٽو مال ۽ اولاد نصيب ٿيس) اها اسان جي طرفان هن لاءِ رحمت هئي ۽ اها نصيحت آهي انهيءَ لاءِ جيكي الله جي ٻانهپ كندڙ آهن.

وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِدْرِيْسَ وَذَا الْكِفْلِ ۭ كُلٌّ مِّنَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۸۵﴾

(٨٥) ۽ (اهڙيءَ طرح) اسماعيل، ادريس ۽ ذوالكفل سڀ (حق جي راهه ۾) صبر كندڙ هئا.

وَاَدْخَلْنٰهُمْ فِيْ رَحْمَتِنَا ۭ اِنَّهُمْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۶﴾

(٨٦) اسان هنن كي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ۾ آندو يقيناً هو نيڪ ٻانهن مان هئا.

وَذَا النُّوْنِ اِذْ ذَّهَبَ مُغَاضِبًا فَظَنَّ اَنْ لَّنْ نَّقْدِرَ عَلَيْهِ فَنَادٰى فِي الظُّلُمٰتِ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ ۖ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۸۷﴾

(٨٧) ۽ (اهڙيءَ طرح) ذولنون (جو معاملي ياد كيو) هو (حق جي راهه ۾) غصي ۾ پئجي هليو ويو. پوءِ هن خيال كيو ته اسان كيس تنگي (۽ تكليف) ۾ نه وجهنداسين. پر پوءِ (جڏهن هن جي حالت تنگ ٿي ويئي ته هن غم جي) اوندهين ۾ هن پكاريو، ته اي خدا توكان سواءِ كوبه معبود كونهي، تنهنجي لاءِ (هر طرح جي) پاكائي هجي، حقيقت هي آهي ته مون (پاڻ تي وڏو) ظلم كيو.

فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۙ وَنَجَّيْنٰهُ مِنَ الْغَمِّ ۭ وَكَذٰلِكَ نُـْۨجِي الْمُؤْمِنِيْنَ ٨٨

(٨٨) پوءِ اسان هن جي پڪار ٻڌي ۽ هن کي غمگينيءَ کان ڇڏايوسين (ڏسو) اسان اهڙيءَ طرح ايمان وارن کي نجات ڏيندا آهيون.

وَزَكَرِيَّآ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ رَبِّ لَا تَذَرْنِيْ فَرْدًا وَّاَنْتَ خَيْرُ الْوٰرِثِيْنَ ٨٩

(٨٩) ۽ (اهڙيءَ طرح) زڪريا (جو معاملي ياد ڪيو) هن پنهنجي پروردگار کي پڪاريو هو ته، اي منهنجا پروردگار مون کي (هن دنيا ۾) اڪيلو نہ ڇڏ. (يعني بي وارث نہ ڪر) ۽ (هونئن ته) تون ئي (اسان سڀني جو) بهتر وارث آهي.

فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۡ وَوَهَبْنَا لَهٗ يَحْيٰى وَاَصْلَحْنَا لَهٗ زَوْجَهٗ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا يُسٰرِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ وَيَدْعُوْنَنَا رَغَبًا وَّرَهَبًا ۭ وَكَانُوْا لَنَا خٰشِعِيْنَ ٩٠

(٩٠) سو (ڏسو) اسان هن جي پڪار ٻڌي، هن کي (هڪ فرزند) يحيٰ عطا ڪيوسين ۽ سندس اهليه کي ان لاءِ تندرست ڪيوسين، اهي سڀ ماڻهو چڱن عملن ڪرڻ ۾ سرگرم ۽ تڪڙا هوندا هئا. (اسان جي فضل ۾) اميدون رکي ۽ (اسان جي جلال کان) خوف ۾ هي دعائون گهرندا هئا، ۽ اسان جي اڳيان عجز نياز ۽ نماڻائيءَ سان جهڪيل هوندا هئا.

وَالَّتِيْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهَا مِنْ رُّوْحِنَا وَجَعَلْنٰهَا وَابْنَهَآ اٰيَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ٩١

(٩١) ۽ (اهڙيءَ طرح) انهي (پاڪ) عورت جو معاملو (بہ ياد رکو) جنهن پنهنجي پاڪدامني جي حفاظت ڪئي هئي (يعني حضرت مريم جو معاملو ياد رکو) پوءِ اسان پنهنجي روح مان ڪجھ هن ۾ ڦوڪيو، ۽ ڪيس ۽ سندس پٽ (حضرت مسيح) کي سڄي دنيا جي لاءِ (سچائي جي) هڪ نشاني بنايو.

اِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً ڮ وَّاَنَا رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْنِ ٩٢

(٩٢) (انهن سڀني نبين ۽ رسولن جي وسيلي اسان جيڪا تعليم ڏني هئي سان هيءَ هئي ته) هي توهان سڀني جي امت حقيقت ۾ هڪ ئي امت آهي (جدا جدا دين ۽ جدا جدا مذهبي ٽوليون ڪونہ آهن) ۽ مان ئي توهان سڀني جي (اڪيلو) پروردگار آهان. تنهن ڪري توهان کي گهرجي ته فقط منهنجي ٻانهپ ڪيو (۽ ان راھ ۾ جدا جدا نہ ٿي وڃو.)

وَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ ۭ كُلٌّ اِلَيْنَا رٰجِعُوْنَ ٩٣

(٩٣) پر ماڻهن پاڻ ۾ اختلاف ڪري (هڪ ئي) دين جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا. (نيٺ ڏسندؤ ته) سڀني کي اسان ڏي موٽڻو آهي (۽ انهيءَ اختلاف ۽ دشمنين جو نتيجو چکڻو آهي.)

## رکوع 7

**قيامت ڏينهن مومنن ۽ منڪرن جي حالت. قومن جو زوال ۽ ڪمال.**

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا كُفْرَانَ لِسَعْيِهٖ ۚ وَاِنَّا لَهٗ كٰتِبُوْنَ ٩٤

(٩٤) پوءِ (ياد رکو ته، هن باري ۾ بنيادي ڳالھ هيءَ آهي ته) جيڪو بہ نيڪ عمل تو ڪري ۽ (الله تي) ايمان بہ اٿس تنهن جي ڪوشش اجائي نہ ٿيندي. اسان سندس نيڪيون لکي ڇڏڻ وارا آهيون.

وَحَرٰمٌ عَلٰي قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَآ اَنَّهُمْ لَا

(٩٥) ۽ (ڏسو) جنهن بستيءَ لاءِ اسان بربادي جو فيصلو ڪري ڇڏيو،

يَرْجِعُوْنَ ۝٩٥

تنهن لاءِ (ڪاميابي ۽ سعادت) ممڪن ئي ناهي. انهيءَ بستيءَ جا ماڻهو ڪڏهن بہ (پنهنجي سرڪشي ۽ شرارتن کان) باز اچڻا ناهن.

حَتّٰىٓ اِذَا فُتِحَتْ يَاْجُوْجُ وَمَاْجُوْجُ وَهُمْ مِّنْ كُلِّ حَدَبٍ يَّنْسِلُوْنَ ۝٩٦

(٩٦) جڏهن اهو وقت اچي ويندو جو ياجوج ۽ ماجوج جي لاءِ واٽ کلي پوندي، (زمين جي) مٿاهين کان هو ڊوڙندا لهي ايندا.

وَاقْتَرَبَ الْوَعْدُ الْحَقُّ فَاِذَا هِيَ شَاخِصَةٌ اَبْصَارُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ يٰوَيْلَنَا قَدْ كُنَّا فِيْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا بَلْ كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ۝٩٧

(٩٧) ۽ (خدا جي) سچي واعدي جي گهڙي ويجهي اچي ويندي تڏهن انهن ماڻهن جون اکيون (دهشت ۽ حيرانيءَ ۾) ڦاٽل رهجي وينديون جن ماڻهن سچائيءَ کان انڪار ڪيو هو. (اهي ماڻهو بي اختيار پڪاري پڪاري چوندا تہ) افسوس اسان جي حال تي! اسان هن (دهشتناڪ گهڙيءَ) کان غافل رهياسين. بلڪ اسان ظلم ۽ شرارت ۾ تمتار هئاسين.

اِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ ۭ اَنْتُمْ لَهَا وٰرِدُوْنَ ۝٩٨

(٩٨) (الله تعاليٰ اهڙن ظالمن کي تو بڌائي تہ) توهان ۽ اهي جن کي توهان الله کي ڇڏي پوڄيو ٿا دوزخ جو ٻارڻ آهيو، توهان سڀ اتي پهچڻ وارا آهيو.

لَوْ كَانَ هٰٓؤُلَاۗءِ اٰلِهَةً مَّا وَرَدُوْهَا ۭ وَكُلٌّ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ۝٩٩

(٩٩) جيڪڏهن اهي سچ پچ معبود (خدائيون) هجن ها تہ ڪڏهن بہ دوزخ ۾ نہ پهچن ها. (حقيقت هيءَ آهي تہ) اهي سڀ هميشہ ان دوزخ ۾ هوندا.

لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّهُمْ فِيْهَا لَا يَسْمَعُوْنَ ۝١٠٠

(١٠٠) هنن جي لاءِ دوزخ ۾ (فقط ايذاءُ ۽ سڙڻ) روڄ ۽ راڙو هوندو. ۽ هو انهيءَ ۾ (ٻيو ڪجهہ بہ) نہ ٻڌندا.

اِنَّ الَّذِيْنَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِّنَّا الْحُسْنٰٓى ۙ اُولٰۗىِٕكَ عَنْهَا مُبْعَدُوْنَ ۝١٠١

(١٠١) (پر) جن ماڻهن جي لاءِ اسان اول کان ئي ڀلائي ۽ چڱائيءَ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو آهي، سي يقيناً دوزخ کان پري رهندا.

لَا يَسْمَعُوْنَ حَسِيْسَهَا ۚ وَهُمْ فِيْ مَا اشْتَهَتْ اَنْفُسُهُمْ خٰلِدُوْنَ ۝١٠٢

(١٠٢) هو (ان کان ايترو تہ پري هوندا جو) اتي جي (ايذاون جي) ڀڻڪ بہ سندن ڪنن ۾ ڪانہ پوندي. ۽ هو پنهنجي پسندي موجب پنهنجي خواهش وارين سيني نعمتن ۾ هميشہ جي لاءِ مسرور رهندا.

لَا يَحْزُنُهُمُ الْفَزَعُ الْاَكْبَرُ وَتَتَلَقّٰىهُمُ الْمَلٰۗىِٕكَةُ ۭ هٰذَا يَوْمُكُمُ الَّذِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ۝١٠٣

(١٠٣) هنن کي (قيامت جي وڏي ۾ وڏي دهشت بہ نڪي ديڇاريندي) نڪي غم ۾ وجهندي. فرشتا وڏي اچي هنن کي ملندا (۽ چوندا تہ) هي آهي اهو ڏينهن جنهن متعلق (الله جي ڪلام ۾) واعدو ڪيو ويو هو.

يَوْمَ نَطْوِي السَّمَاۗءَ كَطَيِّ السِّجِلِّ لِلْكُتُبِ ۭ كَمَا بَدَاْنَآ اَوَّلَ خَلْقٍ نُّعِيْدُهٗ ۭ وَعْدًا عَلَيْنَا ۭ اِنَّا كُنَّا فٰعِلِيْنَ ۝١٠٤

(١٠٤) انهيءَ ڏينهن اسان آسمان کي اهڙيءَ طرح ويڙهي ڇڏينداسين جيئن ڪتابن لاءِ پنا ويڙهيا آهن. اسان جهڙيءَ طرح پهرين خلقت شروع ڪئي هئي، تهڙيءَ طرح ان کي وري پيدا ڪنداسين. انهيءَ واعدي جو پورو ڪرڻ اسان تي آهي، ۽ اسان ان کي ضرور پورو ڪنداسين.

وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِي الزَّبُوْرِ مِنْۢ بَعْدِ الذِّكْرِ اَنَّ الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصّٰلِحُوْنَ ۝١٠٥

(١٠٥) ۽ (ڏسو) اسان زبور ۾ حڪم ۽ نصيحت ڏيڻ بعد لکي ڇڏيو هو تہ زمين (يا ملڪ) انهن ٻندن کي ورثي ۾ ڏينداسين، جيڪي نيڪ هوندا.

إِنَّ فِي هٰذَا لَبَلٰغًا لِّقَوْمٍ عٰبِدِيْنَ ﴿١٠٦﴾

(١٠٦) هن ڳالهه ۾ انهن ماڻهن لاءِ جيڪي (الله جي) ٻانهپ ۽ فرمانبرداري ڪندڙ آهن، هڪ وڏو پيغام آهي.

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٧﴾

(١٠٧) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکي فقط هن لاءِ (پيغمبر ڪري) موڪليو آهي ته تون سڄي دنيا جي لاءِ رحمت جو ظهور ٿئين.

قُلْ اِنَّمَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰـهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٠٨﴾

(١٠٨) ۽ (اي پيغمبر!) تون اعلان ڪر ته مون ڏي جيڪو وحي موڪليو ويو آهي سو ته فقط هي آهي ته. اوهان جو معبود هڪ ئي معبود آهي، (هن ڪان سواءِ ڪوبه ٻيو نعبود ڪونهي) پوءِ ٻڌايو ته ان جي اڳيان سر جهڪائيندؤ يا نه؟

فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ اٰذَنْتُكُمْ عَلٰى سَوَآءٍ ۭ وَاِنْ اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ اَمْ بَعِيْدٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ ﴿١٠٩﴾

(١٠٩) پوءِ جيڪڏهن هو منهن موڙين ته تون ڪين چئو ته. مان اوهان کي (انڪار ۽ سرڪشي جي نتيجن ڪان) هڪڙيءَ ئي طرح خبردار ڪري ڇڏيو آهي، مون کي اها خبر ڪانهي ته جنهن ڳالهه جو واعدو ڪيو ويو آهي، تنهن جو وقت ويجهو اچي ويو آهي يا اجا پري آهي، (پر ٽرندو ته هرگز ڪين، صالحن لاءِ اقبال ۽ ڪاميابي آهي ۽ مفسدن لاءِ ادبار ۽ ناڪامي).

اِنَّهٗ يَعْلَمُ الْجَهْرَ مِنَ الْقَوْلِ وَيَعْلَمُ مَا تَكْتُمُوْنَ ﴿١١٠﴾

(١١٠) جيڪي ٻه توهان وڏي آواز سان ڪليو ڪلايو چئو ٿا ۽ جيڪو توهان (پنهنجي دلين ۾) لڪايو ٿا سو سڀ الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

وَاِنْ اَدْرِيْ لَعَلَّهٗ فِتْنَةٌ لَّكُمْ وَمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿١١١﴾

(١١١) ۽ مون کي ڪهڙي خبر؟ ممڪن آهي ته هن (دير ۽ مهلت) ۾ توهان جي آزمائش رکي وئي هجي ۽ هڪ مقرر وقت تائين اوهان کي زندگيءَ جو مزو وٺڻو آهي.

قٰلَ رَبِّ احْكُمْ بِالْحَقِّ ۭ وَرَبُّنَا الرَّحْمٰنُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿١١٢﴾

(١١٢) (پيغمبر ﷺ دعا گهرندي) چيو ته. اي منهنجا رب! هاڻي (دير نه ڪر) سچائيءَ سا فيصلو ڪري ڇڏ. ۽ اسان جو پروردگار (اهوئي) رحمان خدا آهي، انهيءَ ڪان ئي مدد گهري وڃي ٿي. توهان (انڪار ڪندڙ) جيڪي (ڪوڙيون) ڳاليهون ٺاهي رهيا آهيو تن جي خلاف سندس ئي مددگاري فيصلو ڪري ڇڏيندي. (يعني مسلمانن جي ڪاميابي ثابت ڪري ڏيکاريندي ته مسلمان ئي حق تي آهن ۽ صالح آهن ۽ توهان مفسد آهيو.)

## سورت الحج ـ مدني

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

رڪوع 1

**جيڪي ماڻهو بعث بعد الموت ڪان انڪار ٿا ڪن ۽ بي سود جهڳڙا ٿا ڪن، تن کي نه علم آهي نه ڪو دليل آهي.**

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ ۚ اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيْمٌ ﴿١﴾

(١) اي انسانؤ! پنهنجي پروردگار (جي عذاب) کان ڊڄو. يقين رکو ته اچڻ واري گهڙيءَ جو زلزلو هڪڙو وڏو سخت واقعو ٿيندو.

يَوْمَ تَرَوْنَهَا تَذْهَلُ كُلُّ مُرْضِعَةٍ عَمَّآ
اَرْضَعَتْ وَتَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمْلٍ حَمْلَهَا وَ
تَرَى النَّاسَ سُكٰرٰى وَمَا هُمْ بِسُكٰرٰى وَ
لٰكِنَّ عَذَابَ اللّٰهِ شَدِيْدٌ ﴿٢﴾

(٢) جنهن ڏينهن اها گهڙي اوهان جي اڳيان اچي ويندي تنهن ڏينهن (کنهن کي بہ کنهن جي بہ خبر ڪانہ رهندي) ٿج پياريندڙ عورتون پنهنجي ٿج پيئندڙ ٻچڙن کي بہ وساري ڇڏينديون. سيئي حاملہ (وقت کان اڳي) پنهنجا ٻار ڪيرائي ڇڏينديون. ماڻهن کي اوهان اهڙي حال ۾ ڏسندؤ جو ڄڻ تہ سچ پچ متوالا ۽ پاڳل بڻجي ويا آهن، هو متوالا يا ديوانا ڪونہ هوندا، پر الله جي عذاب جي خوفناڪي وڏي خوفناڪ آهي (جا هنن کي ديوانن وانگر بيهوش ڪري ڇڏيندي.)

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِي اللّٰهِ بِغَيْرِ
عِلْمٍ وَّيَتَّبِعُ كُلَّ شَيْطٰنٍ مَّرِيْدٍ ﴿٣﴾

(٣) ۽ (ڏسو) ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن جو الله جي باري ۾ بحث ۽ جهڳڙا ٿا ڪن اگرچہ هنن وٽ علم بہ ڪونهي، اهي ماڻهو هرهڪ سرڪش شيطان پٺيان لڳي ٿا پون (۽ سندس تابعداري ٿا ڪن)

كُتِبَ عَلَيْهِ اَنَّهٗ مَنْ تَوَلَّاهُ فَاَنَّهٗ يُضِلُّهٗ وَ
يَهْدِيْهِ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيْرِ ﴿٤﴾

(٤) شيطان متعلق هيءَ ڳالهہ (خدا وٽ) لکجي ويئي آهي تہ جيڪو بہ سندس رفيق ٿيندو تنهن کي هو ضرور گمراهيءَ ۾ وجهندو ۽ جهنم جي عذاب تائين پهچائي ڇڏيندو.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ رَيْبٍ مِّنَ
الْبَعْثِ فَاِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ
نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ ثُمَّ مِنْ مُّضْغَةٍ
مُّخَلَّقَةٍ وَّغَيْرِ مُخَلَّقَةٍ لِّنُبَيِّنَ لَكُمْ ؕ وَ
نُقِرُّ فِي الْاَرْحَامِ مَا نَشَآءُ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى
ثُمَّ نُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْٓا
اَشُدَّكُمْ ۚ وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّتَوَفّٰى وَمِنْكُمْ
مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰٓى اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْلَا يَعْلَمَ
مِنْۢ بَعْدِ عِلْمٍ شَيْـًٔا ؕ وَتَرَى الْاَرْضَ
هَامِدَةً فَاِذَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ اهْتَزَّتْ
وَرَبَتْ وَاَنْۢبَتَتْ مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ بَهِيْجٍ ﴿٥﴾

(٥) اي انسانو! جيڪڏهن اوهان کي هن باري ۾ شڪ آهي تہ ماڻهو (ٻيهر) جيئرو ٿي اٿندو تہ (هن ڳالهہ تي غور ڪيو) اسان توهان کي (ڇا مون) پيدا ڪيو؟ مٽيءَ مان پوءِ (توهان جي ڄمڻ ۽ پيدا ٿيڻ جو سلسلو ڪهڙيءَ طرح جاري رهيو؟) هن طرح جو پهريائين نطفو ٿو ٿئي. پوءِ علقہ (يعني ڄميل رت جو ٽڪرو، ماءُ جي پيٽ ۾) بنجي ٿو پوي. پوءِ وري ڪجهہ شڪل وارو ۽ ڪجهہ بي شڪل گوشت جو ٽڪرو ٿي ٿو پوي، ۽ اهو انهيءَ لاءِ ٿئي ٿو تہ توهان جي لاءِ (پنهنجي قدرت جا ڪارناما) چٽا ۽ ظاهر ڪري ڇڏيون. پوءِ ڏسو تہ، جنهن نطفي متعلق اسان چاهيون ٿا تہ (ٻار جي صورت وٺي) تنهن کي عورت جي رحم (يعني ڳهڻ) ۾ هڪ مقرر وقت تائين قرار ڏيون ٿا. پوءِ (جڏهن نطفو سيني مقرر حالتن مان لنگهي ٿو تڏهن) ٻاراڻي حالت ۾ اوهان کي ٻاهر ڪڍو ٿا. پوءِ توهان کي (هڪئي پٺيان) اهڙين حالتن ۾ آڻيون ٿا جو (آخر) پنهنجي جوانيءَ جي عمر کي پهچي ٿا وڃو. پوءِ توهان ۾ ڪو تہ اهڙو ٿو ٿئي جو (ٻڍاپڻ کان اڳي ئي) مري ٿو وڃي. ۽ ڪو وري اهڙو ٿو ٿئي جو (ٻڍاپڻ تائين پهچي ٿو ۽) عمر جي نڪمي ۽ ضعيف حالت ڏانهن موٽائي آندو ٿو وڃي (جيئن ٻاراڻي حالت ۾ هو) تان جو علم ۽ عقل وارو درجو حاصل ڪري وري بي سمجهيءَ جي حالت ۾ پئجي ٿو وڃي. ۽ (اوپڙن جو مثال وٺو) توهان ڏسو ٿا تہ زمين سڪي ٺوٺ ٿيل آهي. پوءِ جڏهن اسان ان تي پاڻي وسايون ٿا تہ تڏهن جهٽ پٽ لڏڻ ۽ ايرڻ لڳي ٿي ۽ هر قسم جا اوپڙ (گاهہ ٻوٽا پوکون وغيره) جمي ايري سهڻو نظارو ڏيکارين ٿا.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَ اَنَّهٗ يُحْيِ الْمَوْتٰى وَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۙ﴿٦﴾

(٦) اهو سڀ هن ڳالهه جو دليل آهي تہ الله جي هستي هڪ حقيقت آهي ۽ هو بيشڪ مُردن کي زنده ڪري ٿو ڇڏي، ۽ هو هر ڪنهن ڳالهه ۽ ڪم جي قدرت رکي ٿو (۽ سڀ ڪجهه ڪري ٿو سگهي.)

وَّ اَنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيْهَا ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ يَبْعَثُ مَنْ فِي الْقُبُوْرِ ﴿٧﴾

(٧) ۽ پڻ هن ڳالهه جو دليل آهي تہ مقرر گهڙي اچڻي آهي، ۽ ان ۾ ڪجهه بہ شڪ ڪونهي ۽ پڻ هن ڳالهه جو دليل آهي تہ الله تعاليٰ ضرور انهن کي اٿاري کڙو ڪندو، جيڪي قبرن ۾ آهن، (يعني جيڪي مري ويا آهن، سي وري مقرر وقت تي جيئرا ڪيا ويندا، جيئن مينهن پوڻ تي اوپڙ مقرر وقت تي اپري نڪرندا آهن).

وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِي اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّ لَا هُدًى وَّ لَا كِتٰبٍ مُّنِيْرٍ ۙ﴿٨﴾

(٨) ۽ (ڏسو) ڪي ماڻهو اهڙا آهن جن وٽ نڪو آهي علم، نڪا اٿن رهنمائي ۽ نڪي ڪو روشن ڪتاب، تنهن هوندي بہ الله جي باري ۾ جهڳڙا ٿا ڪن.

ثَانِيَ عِطْفِهٖ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَهٗ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ وَّ نُذِيْقُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿٩﴾

(٩) ۽ هٺ وڏائي سان جهڳڙا ٿا ڪن، انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن کي الله جي راه کان هٽائي گمراهہ ڪري ڇڏين. اهڙن ماڻهن لاءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ بہ خواري خرابي آهي، ۽ قيامت جي ڏينهن بہ اسان ڪين باهہ جي عذاب جو مزو چکائينداسين.

ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ يَدٰكَ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ۧ﴿١٠﴾

(١٠) (هر هڪ کي چيو ويندو تہ) هي (عذاب) انهيءَ جو نتيجو آهي جو توهان پاڻ پنهنجي هٿن سان اڳئي مهيا ڪري رکيو هو. ۽ الله تعاليٰ تہ پنهنجي بندن لاءِ ڪڏهن بہ ظالم ٿي نٿو سگهي.

## رڪوع 2

**ڪي ماڻهو مصيبت يا تڪليف اچڻ تي مايوس ٿي خدا کي ڇڏي ٿا ڏين. ايمان، اميد ۽ نيڪ عملي مومنن جي راهہ آهي، انڪار، مايوسي ۽ بدعملي منڪرن جي راهہ آهي.**

وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّعْبُدُ اللّٰهَ عَلٰى حَرْفٍ ۚ فَاِنْ اَصَابَهٗ خَيْرُ اِۨطْمَاَنَّ بِهٖ ۚ وَ اِنْ اَصَابَتْهُ فِتْنَةُ اِۨنْقَلَبَ عَلٰى وَجْهِهٖ ۚ۫ خَسِرَ الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةَ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِيْنُ ﴿١١﴾

(١١) ۽ (ڏسو) ڪي ماڻهو اهڙا آهن، جو الله جي بندگي تہ ڪن ٿا پر دل جي جمائي سان نٿا ڪن جيڪڏهن هنن کي ڪو فائدو ٿو پهچي تہ دل کي آرام اچين ٿو. پر جيڪڏهن ڪنهن (تڪليف جي) آزمائش ۾ پون ٿا تہ پٺي ڏئي پنهنجي (ڪفر جي) حالت ڏي موٽي پون ٿا. هو دنيا ۾ بہ نامراد ٿين ٿا ۽ اخرت ۾ بہ. ۽ اهائي ظاهر ظهور نامرادي آهي.

يَدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهٗ وَ مَا لَا يَنْفَعُهٗ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ۚ﴿١٢﴾

(١٢) هو الله کي ڇڏي انهن شين کي (پنهنجي حاجت روائيءَ لاءِ) سڏين ٿا جي نڪي ڪين نقصان پهچائي سگهن ٿيون نڪي فائدو. اهائي گمراهي آهي جا سيني کان وڌيڪ اونهي گمراهي آهي.

يَدْعُوا لَمَنْ ضَرُّهُ أَقْرَبُ مِنْ نَفْعِهِ ۚ لَبِئْسَ الْمَوْلَىٰ وَلَبِئْسَ الْعَشِيرُ ﴿١٣﴾

(١٣) اهي اهڙي هستيءَ کي سڏين ٿا جنهن جي نفع کان زياده ان جو نقصان وڌيڪ ويجهو آهي. (نفعو جيڪڏهن ڏسڻ ۾ ڪٿي اچي به ته به اهو وهمي آهي نه سچو نفعو). بيشڪ بڇڙو آهي (اهڙو) دوست ۽ بڇڙو آهي (اهڙو) ساٿاري.

إِنَّ اللَّهَ يُدْخِلُ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ ۚ إِنَّ اللَّهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيدُ ﴿١٤﴾

(١٤) جيڪي ماڻهو ايمان آڻين ٿا ۽ نيڪ عمل به ٿا ڪن تن کي ضرور الله تعاليٰ اهڙن باغن ۾ پهچائي ڇڏيندو جن جي ترَي ۾ نهرون وهي رهيون هونديون. الله تعاليٰ جيڪي چاهي ٿو سو ڪري ٿو (هو مالڪ ۽ مختار آهي)

مَنْ كَانَ يَظُنُّ أَنْ لَنْ يَنْصُرَهُ اللَّهُ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ فَلْيَمْدُدْ بِسَبَبٍ إِلَى السَّمَاءِ ثُمَّ لْيَقْطَعْ فَلْيَنْظُرْ هَلْ يُذْهِبَنَّ كَيْدُهُ مَا يَغِيظُ ﴿١٥﴾

(١٥) جيڪو ماڻهو (نااميد ٿي) اهو خيال ٿو ڪري ته الله تعاليٰ دنيا ۽ آخرت ۾ سندس مدد ڪونه ڪندو، (تنهن لاءِ زندگيءَ جي ڪابه راهه باقي نه رهي) ڪيس گهرجي ته هڪ رسي ڇت تائين ڪٺي ان کي ڇت سان ٻڌي ڇڏي ۽ (ان ۾ گردن اٽڪائي زمين کان پنهنجو) لاڳاپو ڇني ڇڏي (يعني ڦاهو ڪائي مري) پوءِ ڏسي ته انهيءَ تدبير سان سندس غم ۽ غصو دور ٿئي ٿو يا نه!

وَكَذَٰلِكَ أَنْزَلْنَاهُ آيَاتٍ بَيِّنَاتٍ وَأَنَّ اللَّهَ يَهْدِي مَنْ يُرِيدُ ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ ڏسو اهڙيءَ طرح اسان هي ڪلام روشن دليلن جي شڪل ۾ نازل ڪيو ۽ هن لاءِ نازل ڪيو جو الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي (ڪاميابيءَ جي) راهه تي لڳائي ڇڏي ٿو.

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَالَّذِينَ هَادُوا وَالصَّابِئِينَ وَالنَّصَارَىٰ وَالْمَجُوسَ وَالَّذِينَ أَشْرَكُوا إِنَّ اللَّهَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ۚ إِنَّ اللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ شَهِيدٌ ﴿١٧﴾

(١٧) جن ماڻهن ايمان آندو آهي، (يعني مسلمان آهن) جي يهودي آهن، صابي آهن، نصاريٰ آهن، مجوسي آهن يا مشرڪ آهن، تن سڀني جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ فيصلو ڪري ڇڏيندو (۽ انهن جي عملن جي حقيقت ظاهر ٿي پوندي) ان کان ڪابه ڳالهه لڪل ناهي. هو سڀ ڪجهه ڏسي رهيو آهي.

أَلَمْ تَرَ أَنَّ اللَّهَ يَسْجُدُ لَهُ مَنْ فِي السَّمَاوَاتِ وَمَنْ فِي الْأَرْضِ وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ وَالنُّجُومُ وَالْجِبَالُ وَالشَّجَرُ وَالدَّوَابُّ وَكَثِيرٌ مِنَ النَّاسِ ۖ وَكَثِيرٌ حَقَّ عَلَيْهِ الْعَذَابُ ۗ وَمَنْ يُهِنِ اللَّهُ فَمَا لَهُ مِنْ مُكْرِمٍ ۚ إِنَّ اللَّهَ يَفْعَلُ مَا يَشَاءُ ۩ ﴿١٨﴾

(١٨) ڇا توهان نٿا ڏسو ته جيڪو به آسمان ۾ آهي ۽ جيڪو به زمين ۾ آهي، ۽ پڻ سج، چنڊ، تارا، جبل، وڻ، چوپايا جانور سڀ الله جي اڳيان سجدي ۾ جهڪيل آهن، (يعني الله تعاليٰ جيڪا سندن فطرت ڪئي آهي، تنهن موجب عمل ڪري رهيا آهن) ۽ ڪيترائي انسان به (فطرت جي قانون تي رهلي رهيا آهن پر افسوس جو) گهڻائي انسان اهڙا به آهن جن تي عذاب جي حقداري (يا لائقيت) ثابت ٿي چڪي آهي (جو ته هنن جا عمل فطرت، عقل ۽ وحي جي خلاف آهن) ۽ (ياد رکو ته) جنهن کي به الله تعاليٰ ذلت ۽ خواريءَ ۾ وجهي تنهن لاءِ ڪوبه ڪونهي جو ڪيس عزت ڏيڻ وارو هجي. اهو الله جيڪي به چاهي ٿو سو ڪري ٿو ڇڏي.

هٰذٰنِ خَصْمٰنِ اخْتَصَمُوْا فِیْ رَبِّهِمْ ۫ فَالَّذِیْنَ كَفَرُوْا قُطِّعَتْ لَهُمْ ثِیَابٌ مِّنْ نَّارٍ ؕ یُصَبُّ مِنْ فَوْقِ رُءُوْسِهِمُ الْحَمِیْمُ ﴿۱۹﴾

(١٩) (ڏسو) اهي ٻہ مخالف (فرقا) آهن جيڪي پنهنجي پروردگار جي باري ۾ هڪ ٻئي جي ابتڙ ڳالهيون ٻڌائين ٿا. انهن مان جيڪي ڪفر جي واٽ وٺن ٿا تن جي لاءِ باهہ جا ڪپڙا ماپي ڪتري تيار ڪيا ويندا، ۽ انهن جي مٿن تي ٽهڪندڙ پاڻي پرتايو ويندو.

یُصْهَرُ بِهٖ مَا فِیْ بُطُوْنِهِمْ وَ الْجُلُوْدُ ﴿۲۰﴾ؕ

(٢٠) ان (جي ساڙيندڙ گرميءَ) ڪان جيڪي هنن جي پيٽ ۾ آهي سو ڪامڻ ۽ جلڻ لڳندو ۽ سندن چمڙيون بہ جلڻ لڳنديون.

وَ لَهُمْ مَّقَامِعُ مِنْ حَدِیْدٍ ﴿۲۱﴾

(٢١) ۽ پڻ هنن کي روڪي جهلڻ لاءِ لوهہ جا گرز هوندا.

كُلَّمَاۤ اَرَادُوْۤا اَنْ یَّخْرُجُوْا مِنْهَا مِنْ غَمٍّ اُعِیْدُوْا فِیْهَا ۗ وَ ذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِیْقِ ﴿۲۲﴾

(٢٢) جڏهن جڏهن (عذاب جي) ايذاءَ کان بي قرار ٿي ٻاهر نڪرڻ چاهيندا تڏهن انهن (گرزن) سان انهيءَ ئي (عذاب) ۾ ڪين موٽايو ويندو ۽ (ڪين چيو ويندو تہ هاڻي چو ٿا نڪرو؟) ساڙيندڙ عذاب جو مزو تہ چکو.

## رکوع 3

**ڪعبت الله سيني انسانن لاءِ آهي. ان ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيندڙ گرفت ۾ ايندا.**

اِنَّ اللّٰهَ یُدْخِلُ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ یُحَلَّوْنَ فِیْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّ لُؤْلُؤًا ؕ وَ لِبَاسُهُمْ فِیْهَا حَرِیْرٌ ﴿۲۳﴾

(٢٣) (پر) جيڪو فرقو ايمان تو آڻي ۽ عمل بہ صالح تو ڪري تنهن کي يقيناً الله تعاليٰ (ابدي نعمتن جي) باغن ۾ داخل ڪندو جنهن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن، انهن کي اتي (باهہ جي ڪپڙن بدران) سون جا ڪنگڻ ۽ موتين جا هار پارايا ويندا، ۽ انهن جو لباس اتي ريشمي هوندو.

وَ هُدُوْۤا اِلَى الطَّیِّبِ مِنَ الْقَوْلِ ۚۖ وَ هُدُوْۤا اِلٰی صِرَاطِ الْحَمِیْدِ ﴿۲۴﴾

(٢٤) انهن کي ڳالهين مان اهڙي ڳالهہ جي رهنمائي (واٽ ڏيکارڻ) ملي جا نهايت ئي پاڪيزه آهي ۽ ڪين راهن مان انهيءَ راهہ تي هلايو ويو جنهن جي ساراهہ ڪئي ويئي آهي.

اِنَّ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا وَ یَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِیْلِ اللّٰهِ وَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ الَّذِیْ جَعَلْنٰهُ لِلنَّاسِ سَوَآءَ اِۨلْعَاكِفُ فِیْهِ وَ الْبَادِ ؕ وَ مَنْ یُّرِدْ فِیْهِ بِاِلْحَادٍۭ بِظُلْمٍ نُّذِقْهُ مِنْ عَذَابٍ اَلِیْمٍ ﴿۲۵﴾

(٢٥) يقيناً جن (مڪي جي) ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي ۽ الله جي راهہ کان ماڻهن کي روڪين ٿا ۽ پڻ مسجد الحرام کان (يعني ڪعبت الله کان روڪين ٿا) جو اسان سيني انسانن لاءِ (عبادتگاهہ) ٺهرايو آهي، پوءِ اهي اتي جا رهاڪو هجن توڙي ٻاهران ايندڙ هجن ٻئي برابر آهن، (سو انهن ڪافرن کي ياد رکڻ گهرجي تہ اسان انهن کي ۽ هر انهيءَ ماڻهو کي) جيڪو ان ۾ ظلم طور حق کان ڦري وڃڻ جو ارادو ڪندو تنهن کي دردناڪ عذاب جو مزو چکائينداسين.

## رکوع 4

**ڪعبت الله ۽ حج جو ذڪر**

وَ اِذْ بَوَّاْنَا لِاِبْرٰهِیْمَ مَكَانَ الْبَیْتِ اَنْ لَّا تُشْرِكْ بِیْ شَیْـًٔا وَّ طَهِّرْ بَیْتِیَ لِلطَّآىِٕفِیْنَ وَ

(٢٦) ۽ ڏسو اسان حضرت ابراهيم جي لاءِ ڪعبي واري جاءِ مقرر ڪري ڇڏي (۽ حڪم ڏنو) تہ ڪنهن بہ شيءَ کي مون سان شريڪ نہ ڪر، ۽

| | |
|---|---|
| الْقَآئِمِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿۲۶﴾ | منهنجو هيءُ گهر انهن ماڻهن لاءِ پاڪ رک جيڪي طواف ڪندڙ هجن، عبادت ۾ سرگرم رهندڙ هجن، ۽ رڪوع ۽ سجدي ۾ جهڪندڙ هجن. |
| وَاَذِّنْ فِى النَّاسِ بِالْحَجِّ يَاْتُوْكَ رِجَالًا وَّعَلٰى كُلِّ ضَامِرٍ يَّاْتِيْنَ مِنْ كُلِّ فَجٍّ عَمِيْقٍ ﴿۲۷﴾ | (۲۷) ۽ (پڻ اسان کيس حڪم ڏنو هو تہ) ماڻهن ۾ حج جو اعلان (پڙهو) ڏيئي ڇڏ. ماڻهو توڏانهن دنيا جي پري پري وارين واٽن (۽ ملڪن) کان ايندا رهندا، ڪي پيادا تہ ڪي قسم قسم جي سوارين تي ايندا جيڪي (اٺ گهوڙي وغيره سفر جي تڪليف کان) ٿڪل هوندا. |
| لِّيَشْهَدُوْا مَنَافِعَ لَهُمْ وَيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ فِيْٓ اَيَّامٍ مَّعْلُوْمٰتٍ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ۚ فَكُلُوْا مِنْهَا وَاَطْعِمُوا الْبَآئِسَ الْفَقِيْرَ ﴿۲۸﴾ | (۲۸) اهي هن لاءِ ايندا تہ پنهنجي فائدن وٺڻ واري جاءِ تي اهي حاضر ٿين، ۽ اسان جيڪي پاليل جانور هنن کي رزق طور ڏنا آهن، تن جي قرباني ڪري مقرر ڏينهن ۾ الله جو نالو وٺن. پوءِ قربانيءَ جو گوشت پاڻ بہ کائو ۽ بکايل فقيرن کي بہ کارايو. |
| ثُمَّ لْيَقْضُوْا تَفَثَهُمْ وَلْيُوْفُوْا نُذُوْرَهُمْ وَلْيَطَّوَّفُوْا بِالْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿۲۹﴾ | (۲۹) پوءِ اهي ماڻهو (يعني حاجي) قرباني ڪرڻ بعد پنهنجي جسم ۽ لباس جي ميرائي لاهي ڇڏين. (يعني احرام لاهي ڇڏين) پڻ پنهنجا نذر پورا ڪن ۽ هن قديم گهر (يعني ڪعبت الله) جي چوڌاري طواف ڪن. |
| ذٰلِكَ ۗ وَمَنْ يُّعَظِّمْ حُرُمٰتِ اللّٰهِ فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۗ وَاُحِلَّتْ لَكُمُ الْاَنْعَامُ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاجْتَنِبُوا الرِّجْسَ مِنَ الْاَوْثَانِ وَاجْتَنِبُوْا قَوْلَ الزُّوْرِ ﴿۳۰﴾ | (۳۰) سو ڏسو (حج جي) ڳالهہ ائين ٿي ۽ جيڪو بہ الله تعاليٰ جي ٺهريل پاڪ رسمن جي عزت ٿو ڪري تنهن جي لاءِ سندس پروردگار وٽ وڏي چڱائي آهي. ۽ (هيءَ ڳالهہ بہ ياد رکو تہ) انهن جانورن کان سواءِ جن جي حرام هئڻ جو حڪم قرآن مجيد ۾ ٻڌايو ويو آهي، سڀ چوپايا جانور اوهان جي لاءِ حلال ڪيا ويا آهن. پوءِ توهان کي گهرجي تہ بتن جي ناپاڪائيءَ کان پاڻ کي بچايو ۽ پڻ ڪوڙ ڳالهائڻ کان پري رهو. |
| حُنَفَآءَ لِلّٰهِ غَيْرَ مُشْرِكِيْنَ بِهٖ ۗ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَكَاَنَّمَا خَرَّ مِنَ السَّمَآءِ فَتَخْطَفُهُ الطَّيْرُ اَوْ تَهْوِيْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ مَكَانٍ سَحِيْقٍ ﴿۳۱﴾ | (۳۱) فقط الله ئي جي لاءِ ٿي رهو. ساڻس ڪنهن بہ ٻي هستيءَ کي شريڪ نہ ڪيو. جنهن بہ الله سان ڪنهن کي شريڪ ٺهرايو تنهن جو حال اهڙو سمجهو جو ڄڻ تہ ڪو مٿانهينءَ کان اوچتو هيٺ ڪري پيو. پوءِ (جيڪا بہ شيءِ اهڙيءَ طرح ڪري پوندي تنهن کي يا تہ) ڪو پکي (سرڻ وانگر) جهٽڪو ڏيئي ڪٽي ويندو يا تہ هوا جو جهوٽو کيس اڏائي ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ۾ اڇلائي ڦٽو ڪندو. |
| ذٰلِكَ ۗ وَمَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآئِرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنْ تَقْوَى الْقُلُوْبِ ﴿۳۲﴾ | (۳۲) اها آهي (حقيقت). پوءِ ياد رکو تہ جنهن بہ الله جي نشانين جي عظمت (شان ۽ وڏائي) مڃي تنهن اهڙي ڳالهہ مڃي جا حقيقت ۾ دلين جي پرهيزگاريءَ جي ڳالهين منجهان (هڪڙي ڳالهہ) آهي. |
| لَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ مَحِلُّهَآ اِلَى الْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿۳۳﴾ | (۳۳) انهن (چوپاين جانورن) ۾ هڪ مقرر وقت تائين توهان جي لاءِ (قسم قسم جا) فائدا آهن. پوءِ (انهن کي هن) قديم گهر تائين پهچائي انهن جي قرباني ڪرڻ آهي. |

## رکوع 5

### حج ۽ قرباني متعلق ڪي وڏيڪ ڳالهيون.

وَلِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا لِّيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ؕ فَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَلَهٗٓ اَسْلِمُوْا ؕ وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ ۙ﴿٣٤﴾

(٣٤) ۽ (ڏسو) هرهڪ امت جي لاءِ اسان عبادت جو ڪوئي نه ڪوئي طريقو مقرر ڪيو هو. انهيءَ لاءِ ته انهن پاليل جانورن ڪي جي اسان رزق طور ڏنا آهن، ذبح ڪن ته الله جو نالو وٺن. پوءِ (ياد رکو ته) اوهان جو معبود اهوئي هڪڙو يگانو معبود آهي، ۽ (جيئن ته ان کان سواءِ ڪوبه معبود ڪونهي اوهان ڪي گهرجي ته) فقط انهيءَ ئي جي اڳيان فرمانبرداريءَ جو سر جهڪائي رکو. ۽ (اي پيغمبر!) نماڻائي ۽ نيازمندي رکندڙ ٻانهن ڪي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) خوشخبري ڏيئي ڇڏ.

الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَالصّٰبِرِيْنَ عَلٰى مَآ اَصَابَهُمْ وَالْمُقِيْمِي الصَّلٰوةِ ۙ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) انهن (حق جي نيازمندن) ڪي (خوشخبري ڏيئي ڇڏ) جن وٽ جيڪڏهن الله جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي ته انهن جون دليون ڏڪي ٿيون وڃن. جيڪي هر قسم جي مصيبتن ۾ صبر ڪندڙ آهن، جيڪي نماز درست ڪري پڙهڻ ۾ ڪوشس ڪندڙ آهن، ۽ جيڪي انهيءَ رزق مان جو الله تعاليٰ کين ڏنو آهي، (نيڪ ڪمن ۾) خرچ ڪندا ٿا رهن.

وَالْبُدْنَ جَعَلْنٰهَا لَكُمْ مِّنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ لَكُمْ فِيْهَا خَيْرٌ ۖ فَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا صَوَآفَّ ۚ فَاِذَا وَجَبَتْ جُنُوْبُهَا فَكُلُوْا مِنْهَا وَاَطْعِمُوا الْقَانِعَ وَالْمُعْتَرَّ ؕ كَذٰلِكَ سَخَّرْنٰهَا لَكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) ۽ (ڏسو، قربانيءَ جي انهن) اٺن ڪي (جن ڪي پري پري کان حج جي موقعي تي نيو وڃي ٿو) اسان انهن شين ۾ شمار ڪيو آهي، جي اوهان جي لاءِ الله جي (عبادت جي) نشانين مان آهن. انهن ۾ اوهان جي لاءِ وڏي چڱائي آهي. تنهن ڪري اوهان ڪي گهرجي ته انهن ڪي قطارن ۾ بيهاري ذبح ڪرڻ وقت الله جو نالو ياد ڪريو. پوءِ جڏهن هو ڪنهن به پاسي ته ڪري پون (يعني ڪسجي وڃن) تڏهن انهن جي گوشت مان پاڻ به کائو ۽ فقيرن ۽ زيارت ڪندڙن (حاجين) ڪي به کارايو. اهڙي طرح اسان انهن جانورن ڪي توهان جي لاءِ تابع ڪري ڇڏيو آهي، ته توهان (الله تعاليٰ جي نعمتن جا) شڪر گذار رهو.

لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَلَا دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ ؕ كَذٰلِكَ سَخَّرَهَا لَكُمْ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ ؕ وَبَشِّرِ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٣٧﴾

(٣٧) ياد رکو ته، الله تعاليٰ وٽ انهن قربانين جو نڪي گوشت ٿو پهچي ۽ نڪي رت. سندس حضور ۾ جيڪي پهچي ٿو سگهي سو آهي فقط اوهان جي تقويٰ. (يعني اوهان جي دل جي نيڪي) انهن جانورن ڪي الله تعاليٰ اهڙيءَ طرح اوهان جي لاءِ تابع ڪري ڇڏيو آهي، انهيءَ لاءِ ته الله جي هدايت ۽ رهنمائي تي شڪر گذاري ڪيو ۽ سندس نالي جي وڏائي جو آواز بلند ڪيو ۽ نيڪ عملن ڪندڙن جي لاءِ (خدا وٽ قبوليت جي وڏي) خوشخبري آهي.

اِنَّ اللّٰهَ يُدٰفِعُ عَنِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا

(٣٨) جن ماڻهن ايمان آندو آهي تن ڪي يقيناً الله تعاليٰ (ظالمن جي ظلم

يُحِبُّ كُلَّ خَوَّانٍ كَفُوْرٍ ۝٣٨

۽ سختين کان) بچائي ٿو. هن ۾ ذرو بہ شڪ ناهي تہ الله تعاليٰ امانت ۾ خيانت ڪندڙن کي، جيڪي خدا جي نعمتن جا بي شڪر آهن، ڪڏهن بہ پسند نٿو ڪري.

## رکوع 6

### جنگ جي اجازت، جهاد جو فلسفو. اسلامي حڪومت جا مقصد.

أُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقٰتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا ۗ وَاِنَّ اللّٰهَ عَلٰى نَصْرِهِمْ لَقَدِيْرُ ۝٣٩

(٣٩) جن (مؤمنن) جي خلاف ظالمن جنگ جاري رکي آهي تن کي بہ هاڻي (ساڻن) جنگ ڪرڻ جي رخصت ڏني وڃي ٿي. ڇو تہ هنن تي سراسر ظلم ڪيو ٿو وڃي. ۽ الله تعاليٰ بيشڪ هنن (مؤمنن) جي مدد ڪرڻ جي قدرت ۽ طاقت رکي ٿو.

الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بِغَيْرِ حَقٍّ اِلَّآ اَنْ يَّقُوْلُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ۗ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّهُدِّمَتْ صَوَامِعُ وَبِيَعٌ وَّصَلَوٰتٌ وَّمَسٰجِدُ يُذْكَرُ فِيْهَا اسْمُ اللّٰهِ كَثِيْرًا ۗ وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ ۗ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ۝٤٠

(٤٠) هي (مؤمن) اهي مظلوم آهن، جيڪي ناحق پنهنجي گهرن مان تڙي ڪڍيا ويا آهن. (هنن جو ڪو بہ ڏوهہ ڪونہ هو) هو تہ فقط چوندا ۽ مڃيندا هئا تہ اسان جو پروردگار الله آهي. ۽ ڏسو جيڪڏهن الله تعاليٰ ڪن (نيڪ) ماڻهن جي هٿان ڪن (ظالمن) کي نہ روڪيندو رهي ها (۽ هڪ ٽولي کي ٻئي ٽولي تي ظلم ڪرڻ لاءِ ڇوٽ ڇڏي ڏئي ها) تہ ڪنهن بہ قوم جا عبادتگاهہ زمين تي سلامت نہ رهن ها، نڪي (عيسائين ۽ يهودين جون) خانقاهون ۽ ديوليون نڪي ٻين جا عبادتگاهہ ۽ مسجدون، جن (سيني) ۾ الله تعاليٰ جو گهڻي ذڪر ڪيو وڃي ٿو. اهي سڀ گهڻو اڳي ڊاٺيون وڃن ها. (ياد رکو تہ) جيڪو بہ الله (جي سچائيءَ) جي حمايت ڪندو تنهن جي الله تعاليٰ بہ ضرور مدد ڪندو. انهيءَ ۾ ڪجهہ بہ شڪ شبهو ڪونهي تہ هو يقيناً سڀ کا قوت رکندڙ ۽ سيني تي غالب آهي.

اَلَّذِيْنَ اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ فِى الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَاَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ ۗ وَلِلّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ۝٤١

(٤١) اِهي (مظلوم مسلمان) اُهي آهن جن کي جيڪڏهن اسان زمين ۾ (يعني ملڪ ۾) طاقتور ڪنداسين (يعني سندن حڪومت ٿيندي) تہ هو نماز (جو نظام) قائم ڪندا. زڪوات جو انتظام رکندا، نيڪين جو حڪم ڏيندا ۽ برائين کان روڪيندا، ۽ (ياد رکو تہ) سيني ڳالهين جي پڇاڙي ۽ نتيجو الله تعاليٰ جي ئي هٿ ۾ آهي.

وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّعَادٌ وَّثَمُوْدُ ۝٤٢

(٤٢) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن اهي (منڪر) توکي ڪوڙو ٺهرائي تنهنجي ڳالهہ نٿا مڃن تہ (اهو انڪار ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي) هن کان اڳي بہ گهڻين ئي قومن پنهنجي پنهنجي وقتن جي رسولن کي ڪوڙو سمجهي نہ مڃيو جهڙوڪ نوح جي قوم، عاد جي قوم، ثمود جي قوم.

وَقَوْمُ اِبْرٰهِيْمَ وَقَوْمُ لُوْطٍ ۝٤٣

(٤٣) ابراهيم جي قوم، لوط جي قوم.

وَّاَصْحٰبُ مَدْيَنَ ۚ وَكُذِّبَ مُوْسٰى فَاَمْلَيْتُ

(٤٤) ۽ مدين جا ماڻهو- ۽ حضرت موسيٰ کي بہ ڪوڙو ٺهرايو ويو (اگرچہ

| | |
|---|---|
| لِلْكٰفِرِيْنَ ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ۚ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٤٤﴾ | خود سندس قوم يعني بني اسرائيل کيس ڪوڙو ڪونہ ٺهرايو پر فرعون ۽ سندس ماڻهن کيس نہ مڃيو) ۽ اسان (هميشہ هيئن ڪيو جو) پهريائين منڪرن کي (ڪجهہ مدت تائين) مهلت ڏني، پوءِ پڪڙ ڪئي. سو ڏسو تہ اسان جو ناراضپو هنن جي لاءِ ڪهڙو نہ سخت ٿيو (۽ هو سخت عذابن ۾ مبتلا ٿيا ۽ آخر تباهہ ٿيا). |
| فَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا وَهِيَ ظَالِمَةٌ فَهِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَبِئْرٍ مُّعَطَّلَةٍ وَّقَصْرٍ مَّشِيْدٍ ﴿٤٥﴾ | (٤٥) پوءِ (ڏسو تہ) ڪيترين ئي بستين جي ظلم ڪندڙ هيون تن کي اسان تباهہ ڪري ڇڏيو. اهي اهڙيون تہ خراب ٿيون جو پنهنجي ڇتين پر ڪري ڍير ٿي پيون. تلاءَ ۽ کوهہ بيڪار رهجي ويا، ۽ اونچيون محلاتون کنڊر بنجي پيون. |
| اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَتَكُوْنَ لَهُمْ قُلُوْبٌ يَّعْقِلُوْنَ بِهَآ اَوْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ۚ فَاِنَّهَا لَا تَعْمَى الْاَبْصَارُ وَلٰكِنْ تَعْمَى الْقُلُوْبُ الَّتِيْ فِي الصُّدُوْرِ ﴿٤٦﴾ | (٤٦) پوءِ اهي ماڻهو ملڪن ۾ ڪونہ ٿا گهمن ڦرن ڇا جو (اهي کنڊر ڏسي) عبرت وٺن؟ هنن کي دل ۽ دماغ هجي تہ جيڪر سمجهن (۽ نصيحت وٺن)، هنن کي ڪن هجن تہ جيڪر ٻڌن (۽ سمجهن). پر حقيقت هيءَ آهي تہ جڏهن ڪو انڌو ٿو ٿئي تہ اکيون ڪونہ ٿيون انڌيون ٿين، پر دليون انڌيون ٿي ٿيون پون، جي سينن جي اندر لڪل آهن. |
| وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ وَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ وَعْدَهٗ ۭ وَاِنَّ يَوْمًا عِنْدَ رَبِّكَ كَاَلْفِ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ﴿٤٧﴾ | (٤٧) ۽ (اي پيغمبر!) هي ماڻهو عذاب جي گهر ڪرڻ ۾ توسان تڪڙ لائي ٿا ڏين (يعني چون ٿا تہ جيڪڏهن سچ پچ اسان تي عذاب اچڻو آهي تہ ڇو نٿو اچي؟ تون ڪين ڇئو تہ) الله تعاليٰ ڪڏهن بہ پنهنجي واعدي جي خلاف نٿو وڃي (۽ پنهنجو واعدو ضرور پورو ڪندو) پر تنهنجي پروردگار وٽ هڪ ڏينهن ايڏو آهي جيڏو اوهان جي شمار ۾ هڪ هزار سال. |
| وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَمْلَيْتُ لَهَا وَهِيَ ظَالِمَةٌ ثُمَّ اَخَذْتُهَا ۚ وَاِلَيَّ الْمَصِيْرُ ﴿٤٨﴾ | (٤٨) ۽ ڪيترويون ئي بستيون هيون جي ظالم هيون ۽ جن کي اسان (شروعات ۾) ڍر ڏيئي ڇڏي ڏنو. پر پوءِ نيٺ انهن کي پڪڙ ڪئي سون ۽ آخر تہ سڀني کي اسان ڏي ئي موٽڻو آهي. |

رڪوع 7

**جيڪي ايمان آڻيندا ۽ صالح عمل ڪندا، تن کي عزت جي روزي ملندي.**

| | |
|---|---|
| قُلْ يٰاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَآ اَنَا لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤٩﴾ | (٤٩) (اي پيغمبر!) تون اعلان ڪر تہ اي انسانو! مان تہ فقط (انڪار ۽ شرارت جي نتيجن کان) خبردار ڪندڙ آهيان ۽ چٽيءَ طرح خبردار ڪرڻ ٿو چاهيان. |
| فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٥٠﴾ | (٥٠) پوءِ جيڪي ماڻهو ايمان ٿا آڻين ۽ نيڪ عمل ٿا ڪن تن جي لاءِ بخشش آهي ۽ عزت واري روزي آهي. |
| وَالَّذِيْنَ سَعَوْا فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿٥١﴾ | (٥١) (پر) جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي نشانين جي خلاف مقابلو ڪري ڪامياب ٿيڻ ٿا چاهين سي دوزخي آهن، (انهن جي لاءِ هر طرح جي ڪاميابين ۽ سعادتن کان محرومي آهي.) |

وَمَآ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ مِنۡ رَّسُوۡلٍ وَّلَا نَبِىٍّ اِلَّاۤ اِذَا تَمَنّٰٓى اَلۡقَى الشَّيۡطٰنُ فِىۡۤ اُمۡنِيَّتِهٖ‌ۚ فَيَنۡسَخُ اللّٰهُ مَا يُلۡقِى الشَّيۡطٰنُ ثُمَّ يُحۡكِمُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ‌ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ۙ﴿۵۲﴾

(٥٢) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکان اڳي جيترا بہ رسول ۽ نبي موڪليا تن سڀني سان هي معاملو ضرور پيش آيو، جو هنن جيئن ئي (اصلاح ۽ سعادت جي) خواهش ڪئي تيئن ئي شيطان هنن جي خواهشن ۾ ڪا نہ ڪا فتني جي ڳالهہ وجهي ڇڏي. ۽ پوءِ الله تعاليٰ شيطان جي وسوسن وجهڻ وارين ڳالهين جو اثر ميٽي ڇڏيو. ۽ پنهنجي نشانين کي اڃا بہ وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو. اهو الله (سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ آهي ۽ (پنهنجي سڀني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

لِّيَجۡعَلَ مَا يُلۡقِى الشَّيۡطٰنُ فِتۡنَةً لِّلَّذِيۡنَ فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ وَّالۡقَاسِيَةِ قُلُوۡبُهُمۡ‌ؕ وَاِنَّ الظّٰلِمِيۡنَ لَفِىۡ شِقَاقٍۢ بَعِيۡدٍ ۙ﴿۵۳﴾

(٥٣) انهيءَ ۾ (هڪ وڏي) مصلحت هيءَ هوندي آهي تہ شيطان جا وسوسا انهن ماڻهن لاءِ آزمائش ٿين جن جون دليون روڳي آهن ۽ (سچائي جي سمجهڻ ۽ قبول ڪرڻ ڪان) سخت ٿي ويون آهن. ۽ بيشڪ ظالم وڏي اونهي مخالفت ۾ پئجي ويا آهن.

وَّلِيَـعۡلَمَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ اَنَّهُ الۡحَـقُّ مِنۡ رَّبِّكَ فَيُؤۡمِنُوۡا بِهٖ فَتُخۡبِتَ لَهٗ قُلُوۡبُهُمۡ‌ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهَادِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ‏ ﴿۵۴﴾

(٥٤) پڻ ان ۾ هي مصلحت بہ هوندي آهي تہ (اي پيغمبر!) جن ماڻهن کي علم مليو آهي، سي ڄاڻي وٺن تہ اهو معاملو في الحقيقت الله جي طرف کان آهي. اهڙيءَ طرح هو ان تي ايمان آڻين ۽ سندن دلين ۾ نماڻائي ۽ نياز پيدا ٿئي. يقيناً الله تعاليٰ ايمان وارن کي (سعادت واري) سڌي واٽ وٺائڻ وارو آهي.

وَلَا يَزَالُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا فِىۡ مِرۡيَةٍ مِّنۡهُ حَتّٰى تَاۡتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغۡتَةً اَوۡ يَاۡتِيَهُمۡ عَذَابُ يَوۡمٍ عَقِيۡمٍ‏ ﴿۵۵﴾

(٥٥) (ياد رکو تہ) جيڪي ماڻهو منڪر آهن سي هن باري ۾ شڪ آڻيندا رهندا تان جو (فيصلي واري) گهڙي اوچتو اچي مٿن ڪڙڪندي يا ڪنهن منحوس ڏينهن جو عذاب ظهور ۾ اچي ويندو.

اَلۡمُلۡكُ يَوۡمَئِذٍ لِّلّٰهِ ؕ يَحۡكُمُ بَيۡنَهُمۡ‌ؕ فَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِىۡ جَنّٰتِ النَّعِيۡمِ‏ ﴿۵۶﴾

(٥٦) انهيءَ ڏينهن بادشاهي فقط الله جي هوندي. هو انهن سڀني جي وچ ۾ فيصلو ڪندو، پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو هوندو ۽ چڱا عمل ڪيا هوندا تن جي لاءِ خوشين ۽ نعمتن وارا باغ هوندا.

وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَكَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا فَاُولٰٓـئِكَ لَهُمۡ عَذَابٌ مُّهِيۡنٌ‏ ﴿۵۷﴾

(٥٧) پر جن ماڻهن انڪار ڪيو هوندو، ۽ اسانجون نشانيون ڪوڙيون سمجهيون هونديون تن جي لاءَ خوار خراب ڪندڙ عذاب هوندو.

## رڪوع 8

**ظلم ڪندڙن سان ويڙهہ ڪرڻ وارن کي الله تعاليٰ جي مدد ملندي ۽ حالتن بدلبيون**

وَالَّذِيۡنَ هَاجَرُوۡا فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ثُمَّ قُتِلُوۡۤا اَوۡ مَاتُوۡا لَيَرۡزُقَنَّهُمُ اللّٰهُ رِزۡقًا حَسَنًا‌ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ خَيۡرُ الرّٰزِقِيۡنَ‏ ﴿۵۸﴾

(٥٨) ۽ جيڪي ماڻهو الله جي راهہ ۾ هجرت ٿا ڪن ۽ پوءِ لڙائيءَ ۾ قتل ٿا ٿين يا پنهنجي موت مري ٿا وڃن، تن کي الله تعاليٰ ضرور (آخرت ۾) بهترين روزي ڏيندو، ۽ بيشڪ الله ئي آهي جو سڀني کان بهتر روزي بخشيندڙ آهي.

لَيُدْخِلَنَّهُمْ مُّدْخَلًا يَّرْضَوْنَهٗ ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ لَعَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ﴿۵۹﴾

(٥٩) هو ضرور کين اهڙيءَ جاءِ تي پهچائيندو، جنهن ۾ هو خوش ۽ راضي رهندا. يقيناً هو (سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ ۽ پنهنجي ڪمن ۾) وڏو بردبار آهي.

ذٰلِكَ ۚ وَمَنْ عَاقَبَ بِمِثْلِ مَا عُوْقِبَ بِهٖ ثُمَّ بُغِيَ عَلَيْهِ لَيَنْصُرَنَّهُ اللّٰهُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ﴿۶۰﴾

(٦٠) (بهرحال) حقيقت اها آهي، پوءِ جيڪو به زيادتي (۽ اڳرائي) نٿو ڪري، بلڪ جيتري سختي ان سان ڪئي ويئي آهي، نيڪ نيڪ اوتري ان جي عيوض ۾ ڪرڻ تو چاهي ۽ وري دشمن وڌيڪ زيادتي ڪرڻ لاءِ حملو تو ڪري ته پوءِ ضروري آهي ته الله مظلوم جي مدد ڪري. بيشڪ الله تعاليٰ معاف ڪندڙ ۽ بخشيندڙ آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿۶۱﴾

(٦١) ۽ اها (صورت حال) هن ڪري تي ٿئي جو الله رات کي ڏينهن جي اندر ظاهر ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي رات جي اندر (يعني حالتن جي بدلجڻ جو قانون جاري آهي) ۽ پڻ هن ڪري جو الله تعاليٰ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ هُوَ الْبَاطِلُ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿۶۲﴾

(٦٢) پڻ هن ڪري به جو فقط الله ئي حق آهي ۽ جن هستين کي ڪانئس سواءِ پڪارين ٿا سي باطل آهن، ۽ وري هن ڪري به ته الله تعاليٰ جي هستي بلند مرتبي واري ۽ وڏي شان واري آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً ۡ فَتُصْبِحُ الْاَرْضُ مُخْضَرَّةً ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ﴿۶۳﴾

(٦٣) ڇا توهان هي (نظارو) نه ڏٺو آهي جو الله تعاليٰ آسمان مان مينهن وسائي ٿو ۽ (سڪل) زمين سرسبز ٿي وڃي ٿي. يقين رکو ته الله تعاليٰ وڏو لطف ڪندڙ ۽ سڀ ڪنهن ڳالھ جي خبر رکندڙ آهي.

لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۶۴﴾

(٦٤) آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي، سو سڀ سندس ئي آهي ۽ بيشڪ هو بي نياز بي پرواھ (بادشاھ) آهي، ۽ سيني سهڻين ساراهن جو لائق آهي.

رڪوع 9

**اصل دين سيني جو هڪ آهي، جيڪو آهي خدا پرستي.**

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ وَالْفُلْكَ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِاَمْرِهٖ ۭ وَيُمْسِكُ السَّمَاۗءَ اَنْ تَقَعَ عَلَي الْاَرْضِ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۶۵﴾

(٦٥) تو هن ڳالھ تي غور نه ڪيو آهي ڇا؟ ته ڪهڙيءَ طرح الله تعاليٰ زمين جون سڀ شيون اوهان جي لاءِ مسخر ڪري ڇڏيون آهن. (يعني ڪم اچڻ لاءِ تابع ڪري ڏنيون آهن) جهاز کي ڏسو، ڪيئن نه سندس حڪم سان سمنڊ ۾ ترندو هليو وڃي ٿو. وري ڪهڙيءَ طرح نه هن آسمان کي (يعني سيارن تارن وغيره کي) روڪي جهليو آهي، جو زمين تي ڪونه ٿا ڪرن. جيڪڏهن ڪرندا ته سندس ئي حڪم سان ڪرندا. بيشڪ الله تعاليٰ انسان جي لاءِ ڏاڍو شفيق (مهربان) ۽ وڏي رحمت وارو آهي.

وَهُوَ الَّذِيْٓ اَحْيَاكُمْ ۡ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ۭ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ ﴿۶۶﴾

(٦٦) ۽ (ڏسو) اهوئي آهي جنهن اوهان کي زندگي ڏني. ۽ وري موت ڏئي ٿو ۽ وري (پيهر) جيئاري اٿاريندو. بيشڪ انسان وڏو بي شڪر آهي.

لِكُلِّ أُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا هُمْ نَاسِكُوْهُ فَلَا يُنَازِعُنَّكَ فِي الْأَمْرِ وَادْعُ إِلٰى رَبِّكَ ۖ إِنَّكَ لَعَلٰى هُدًى مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٦٧﴾

(٦٧) (اي پيغمبر!) اسان هرهڪ امت جي لاءِ (عبادت جو) هڪڙو طريقو ٺهرايو آهي، جنهن تي اها امت عمل ڪري رهي آهي. تنهن ڪري ماڻهن کي هن معاملي ۾ (يعني اسلام جي عبادت جي طريقن بابت) توسان جهڳڙي ڪرڻ لاءِ ڪوبہ سبب ڪونهي. تون ماڻهن کي پنهنجي پروردگار جي طرف سڏ (ڇو تہ اصل دين آهي بہ خدا پرستي) يقيناً تون هدايت جي سڌي رستي تي هلندڙ آهين.

وَإِنْ جٰدَلُوْكَ فَقُلِ اللّٰهُ أَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿٦٨﴾

(٦٨) جيڪڏهن (انهيءَ هوندي بہ) ماڻهو توسان جهڳڙو ڪن تہ تون کين چئي ڏي تہ الله تعاليٰ توهان جا عمل خوب ڄاڻي ٿو.

اَللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٦٩﴾

(٦٩) توهان جن ڳالهين بابت هڪ ٻئي سان اختلاف ڪري رهيا آهيو، تن بابت قيامت جي ڏينهن هو اوهان جي وچ ۾ فيصلو ڪري حقيقت کي بلڪل ظاهر ڪري ڇڏيندو.

أَلَمْ تَعْلَمْ أَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمَآءِ وَالْأَرْضِ ۗ إِنَّ ذٰلِكَ فِيْ كِتٰبٍ ۗ إِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿٧٠﴾

(٧٠) (اي پيغمبر!) تو کي خبر ناهي ڇا تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو جيڪي بہ آسمان ۾ آهي ۽ جيڪي بہ زمين ۾ آهي اهي سڀ ڳالهيون ڪتاب ۾ لکيل آهن. ائين ڪرڻ الله جي لاءِ ڪو مشڪل ڪم ڪونهي.

وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّمَا لَيْسَ لَهُمْ بِهٖ عِلْمٌ ۗ وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ نَّصِيْرٍ ﴿٧١﴾

(٧١) ۽ هي ماڻهو الله کي ڇڏي انهن شين جي پوڄا ٿا ڪن جن متعلق نڪي هن ڪا سند نازل ڪئي آهي، نڪي هنن وٽ ڪا علم جي روشني آهي. ۽ (اهڙن) ظالمن کي مدد جو ڪوبہ سهارو نٿو ملي سگهي.

وَإِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ تَعْرِفُ فِيْ وُجُوْهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوا الْمُنْكَرَ ۗ يَكَادُوْنَ يَسْطُوْنَ بِالَّذِيْنَ يَتْلُوْنَ عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۗ قُلْ أَفَأُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكُمْ ۗ اَلنَّارُ ۗ وَعَدَهَا اللّٰهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۗ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٧٢﴾

(٧٢) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي اسان جون روشن آيتون پڙهي ٻڌائجن ٿيون تڏهن جن ماڻهن جي دلين ۾ ڪفر (ويهي ويو) آهي، تن جي منهن تي ناپسندي ڏسي توهان سندن انڪار ۽ نفرت جهٽ سهي ڪري سڃاڻي سگهو ٿا. ائين پيو ڏسجي تہ ناراضگيءَ ۾ ڪامي ٿهڪي هو (آيتن) پڙهڻ وارن تي حملو ڪري ڏيندا. (اي پيغمبر!) تون کين چئي ڏي تہ، اوهان کي انهيءَ (اندر جي باهہ) کان بہ وڌيڪ خراب حالت جي خبر ٻڌائي ڇڏيان؟ اها آهي ساڙيندڙ باهہ (جا اڳتي هلي اوهان کي ساڙيندي) جنهن بابت الله تعاليٰ منڪرن جي لاءِ واعدو ڪري ڇڏيو آهي. اهو ٺڪاڻو يا منزل ڪهڙي نہ خراب ٿيندي!

## رڪوع 10

### انسانن جي لاءِ بي بها نصيحتون

يٰأَيُّهَا النَّاسُ ضُرِبَ مَثَلٌ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ ۗ إِنَّ

(٧٣) اي انسانو! اوهان کي هڪڙو مثال ٻڌايو وڃي ٿو. غور سان ٻڌو. الله کان سواءِ جن (هٽرادو ٺاهيل) معبودن کي توهان سڏيو ٿا تن تہ هڪ

الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَنْ يَّخْلُقُوْا ذُبَابًا وَّ لَوِ اجْتَمَعُوْا لَهٗ ؕ وَ اِنْ يَّسْلُبْهُمُ الذُّبَابُ شَيْـًٔا لَّا يَسْتَنْقِذُوْهُ مِنْهُ ؕ ضَعُفَ الطَّالِبُ وَ الْمَطْلُوْبُ ﴿۷۳﴾

مک بہ کڏهن پيدا نہ ڪئي آهي. جيڪڏهن توهان جا هي سڀ معبود گڏجي زور لڳائين تڏهن بہ پيدا ڪري نہ سگهندا ۽ جيڪڏهن هڪڙي مک انهن کان ڪجھ کسي ڪڍي وڃي تہ هنن ۾ اها بہ طاقت ڪانهي جو ان کان ڇڏائي وٺن. (ظاهر آهي تہ اهي) طلبگار (يعني مشرڪ ۽ بت پرست جيڪي ڪوڙن معبودن جي طلب ڪري ٿا رکن) بہ ضعيف آهن تہ (سندن) مطلوب بہ ضعيف آهن. (يعني پوڄا ڪندڙ بہ ڏاڍا ۽ محتاج آهن تہ سندن معبود بہ ڏاڍا ۽ عاجز آهن.)

مَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿۷۴﴾

(٧٤) الله تعاليٰ جي بلند مرتبي جي جيڪا عزت ڪرڻ گهرجي سا اهي (مشرڪ بت پرست) نہ ڪري سگهيا. هو تہ هر طرح جي قوت رکندڙ ۽ سڀني تي غالب آهي.

اَللّٰهُ يَصْطَفِيْ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا وَّ مِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ۚ﴿۷۵﴾

(٧٥) الله تعاليٰ فرشتن مان ڪن ڪي پيغامن پهچائڻ لاءِ چوندي پسند ٿو ڪري. ۽ ساڳيءَ طرح ڪن انسانن کي بہ (پيغامن پهچائڻ لاءِ چوندي ڪڍي ٿو جن کي رسول يا پيغمبر ڪوٺجي ٿو) بيشڪ الله تعاليٰ (سڀ ڪجھ) ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿۷۶﴾

(٧٦) هو ڄاڻي ٿو جيڪي بہ هنن کي (اڳتي هلي) پيش اچڻو آهي، ۽ جيڪي بہ هنن سان اڳي ٿي گذريو آهي، ۽ سڀني ڳالهين جي آخري ڏوري سندس ئي هٿ ۾ آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ارْكَعُوْا وَ اسْجُدُوْا وَ اعْبُدُوْا رَبَّكُمْ وَ افْعَلُوا الْخَيْرَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۩﴿۷۷﴾

(٧٧) مومنؤ! رڪوع ۾ جهڪو، سجدي ۾ ڪري ڪري پئو، پنهنجي پروردگار جي ٻانهپ ڪيو ۽ نيڪيءَ جا ڪم ڪيو. عجب ناهي تہ ائين ڪرڻ سان اوهان ڪامياب ۽ بامراد ٿيندؤ (يعني دنيا ۽ آخرت جون نعمتون حاصل ڪندؤ).

وَ جَاهِدُوْا فِي اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ؕ هُوَ اجْتَبٰىكُمْ وَ مَا جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِي الدِّيْنِ مِنْ حَرَجٍ ؕ مِلَّةَ اَبِيْكُمْ اِبْرٰهِيْمَ ؕ هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ۙ۬ مِنْ قَبْلُ وَ فِيْ هٰذَا لِيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ شَهِيْدًا عَلَيْكُمْ وَ تَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ ۚۖ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اعْتَصِمُوْا بِاللّٰهِ ؕ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَ نِعْمَ النَّصِيْرُ ۧ﴿۷۸﴾

(٧٨) ۽ الله جي راھ ۾ سر ڌڙ جي بازي لڳايو. ان جي راھ ۾ بي انتها ڪوشش ڪرڻ جو جيڪو حق آهي، سو پوريءَ طرح بجا آڻيو. الله تعاليٰ اوهان (مسلمانن) کي وڏي فضيلت لاءِ چوندي ڪنيو آهي، ۽ توهان جي لاءِ دين ۾ ڪنهن بہ قسم جي تنگي (يا تڪليف) ڪانہ رکي اٿس. توهان کي اهوئي (سنئو سڌو) طريقو ڏسيو ويو آهي، جو توهان جي پيءُ حضرت ابراهيم جو هو. الله تعاليٰ توهان جو نالي مسلم رکيو آهي. اڳوڻن زمانن ۾ بہ ۽ (قرآن) ۾ بہ ۽ اهو هن لاءِ ڪيائين تہ رسول(ﷺ) اوهان جي لاءِ (حق جو) شاهد ٿئي (يعني حق سيڪاري) ۽ توهان وري سڀني انسانن جي لاءِ (حق سيڪاريندڙ ٿيو). تنهن ڪري توهان نماز جو نظام قائم ڪيو ۽ زڪوات جو بندوبست رکو. الله جو سهارو مضبوط جهليو. اهوئي اوهان جو ڪارساز آهي. ۽ جنهن جو ڪارساز الله ٿيو، تنهن جو ڪهڙو نہ چڱو ڪارساز آهي ۽ ڪهڙو نہ چڱو مددگار!